القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمہ اللہ


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمہ اللہ

پير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احادیث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ و دعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

اُتْلُ مَاۤ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنَ الْكِتٰبِ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ ؕ اِنَّ الصَّلٰوةَ

پڙهي ٻڌاءِ جيڪي وحي ڪيوويو توڏانهن ڪتاب ۽ قائم ڪر نماز. بيشڪ نماز

(اي پيغمبرا) ڪتاب مان جيڪي توڏانهن وحي ڪيو ويو سو پڙهه ۽ نماز قائم ڪر. بيشڪ نماز بيحيائيءَ

تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ ؕ وَلَذِكْرُ اللّٰهِ اَكْبَرُ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ

روڪي ٿي بي حيائي ۽ بڇڙائيءَ کان. ۽ البت ذڪر الله جو تمام وڏو آهي. ۽ الله ڄاڻي ٿو

۽ بري (ڪم ڪرڻ) کان جهليندي آهي ۽ بيشڪ الله جو ياد ڪرڻ (سڀ کان) وڏو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله

مَا تَصْنَعُوْنَ ﴿٤٥﴾ وَلَا تُجَادِلُوْۤا اَهْلَ الْكِتٰبِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ

جيڪي ڪيو ٿا. ۽ نہ جهڳڙو ڪريو اهل ڪتاب سان مگر اهڙي طرح جو اهو

ڄاڻيندو آهي. ۽ ڪتاب وارن مان جن بي انصافي ڪئي تن کان سواءِ ٻين سان ڏاڍي سهڻي طريقي کان سواءِ

اَحْسَنُ ۖ اِلَّا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ وَقُوْلُوْۤا اٰمَنَّا بِالَّذِيْۤ اُنْزِلَ

بهتر هجي مگر انهن سان جيڪي بي انصافي ڪن انهن مان ۽ چئو اسان مڃيوسون ان کي جيڪي نازل ڪيوويو

تڪرار نہ ڪريو ۽ چئو تہ جيڪي اسان ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي ۽ جيڪي اوهان ڏانهن

اِلَيْنَا وَاُنْزِلَ اِلَيْكُمْ وَاِلٰهُنَا وَاِلٰهُكُمْ وَاحِدٌ وَّنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿٤٦﴾

اسان ڏانهن ۽ نازل ڪيوويو توهان ڏانهن ۽ مالڪ اسان جو ۽ مالڪ توهان جو هڪ آهي ۽ اسين انهي جا فرمانبردار آهيون.

نازل ڪيو ويو آهي، تنهن تي اسان ايمان آندو آهي ۽ اسان جو معبود ۽ اوهان جو معبود هڪ آهي ۽ اسين مسلمان آهيون.

وَكَذٰلِكَ اَنْزَلْنَاۤ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ

۽ اهڙي طرح نازل ڪيوسون توڏانهن ڪتاب، پوءِ اهي، جن کي ڏنوسون ڪتاب

۽ (جهڙيءَ طرح اڳيان ڪتاب نازل ڪياسون) اهڙيءَ طرح اسان تو ڏانهن ڪتاب (قرآن) نازل ڪيو، پوءِ جن کي

يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ۚ وَمِنْ هٰۤؤُلَآءِ مَنْ يُّؤْمِنُ بِهٖ ؕ وَمَا يَجْحَدُ

سي مڃين ٿا انکي، ۽ هنن مان بہ ڪي مڃين ٿا ان کي، ۽ نہ ٿا انڪار ڪن

ڪتاب ڏنوسون اهي ان کي مڃيندا آهن. ۽ انهن (عربن) مان ڪو (اهڙو آهي)، جوان تي ايمان آڻيندو آهي ۽ ڪافرن کان

بِاٰيٰتِنَاۤ اِلَّا الْكٰفِرُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَمَا كُنْتَ تَتْلُوْا مِنْ قَبْلِهٖ مِنْ

اسان جي آيتن جو مگر ڪافر. ۽ نہ تون پڙهندو هئين ان کان اڳ ڪ ڪوئي

سواءِ (ٻيو) ڪو اسان جي آيتن جو انڪار نہ ڪندو آهي. ۽ انهيءَ (قرآن جي لهڻ) کان اڳ ڪو ڪتاب نڪي تون پڙهندو هئين

كِتٰبٍ وَّلَا تَخُطُّهٗ بِيَمِيْنِكَ اِذًا لَّارْتَابَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿٤٨﴾ بَلْ

ڪتاب ۽ نہ لکندو هئين انکي ساڄي هٿ پنهنجي سان جو شڪ ۾ پون اهي ڪوڙا. پر اهو

۽ نڪي اهو پنهنجي سڄي هٿ سان لکندو هئين (جيڪڏهن لکين پڙهين ها) تہ انهيءَ مهل اهي ڪوڙا ضرور شڪ ۾

هُوَ اٰيٰتٌۢ بَيِّنٰتٌ فِيۡ صُدُوۡرِ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡعِلۡمَ ؕ وَمَا يَجۡحَدُ
قرآن آيتون پڌريون آهن سينن ۾ انهن جي جن کي ملي آهي ڄاڻ. ۽ نہ ٿا انڪار ڪن
پون ها. بلڪ هو (قرآن) پڌريون آيتون (آهي) انهن جي سينن ۾ (محفوظ) آهي، جن کي علم ڏنو ويو آهي ۽

بِاٰيٰتِنَاۤ اِلَّا الظّٰلِمُوۡنَ ﴿۴۹﴾ وَقَالُوۡا لَوۡلَاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡهِ اٰيٰتٌ مِّنۡ
اسان جي آيتن جو مگر ظالم. ۽ چيائون ڇو نہ لاٿيون ويون مٿس نشانيون سندس
ظالمن کان سواءِ (ٻيو) ڪو اسان جي آيتن جو انڪار نہ ڪندو آهي، ۽ چون ٿا تہ سندس پالڻهار کان مٿس معجزا ڇو نہ نازل

رَّبِّهٖ ؕ قُلۡ اِنَّمَا الۡاٰيٰتُ عِنۡدَ اللّٰهِ ؕ وَاِنَّمَاۤ اَنَا نَذِيۡرٌ مُّبِيۡنٌ ﴿۵۰﴾
رب کان. تون چؤ رڳو نشانيون الله وٽ آهن، ۽ رڳو آءٌ ڊيڄاريندڙ آهيان پڌرو.
ڪيا ويا آهن؟ (ڪين) چئو تہ معجزا (تہ رڳو منهنجي) الله وٽ آهن ۽ آءٌ تہ رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان.

اَوَلَمۡ يَكۡفِهِمۡ اَنَّاۤ اَنۡزَلۡنَا عَلَيۡكَ الۡكِتٰبَ يُتۡلٰى عَلَيۡهِمۡ ؕ اِنَّ
ڇا نہ ڪافي ٿيو انهن کي جو اسان لاٿوسون توتي ڪتاب اهو پڙهجي ٿو انهن تي، بيشڪ
اسان توتي ڪتاب نازل ڪيو جو ڪين پڙهي ٻڌائبو آهي، سو ڪين ڪافي نہ آهي ڇا؟ بيشڪ

فِيۡ ذٰلِكَ لَرَحۡمَةً وَّذِكۡرٰى لِقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿۵۱﴾ ع قُلۡ كَفٰى بِاللّٰهِ ع ۵
انهيءَ ۾ رحمت ۽ نصيحت آهي ماڻهن لاءِ جيڪي مڃين ٿا. چؤ ڪافي آهي الله
هن ۾ مومنن جي قوم لاءِ رحمت ۽ نصيحت آهي. ڪين چئو تہ الله

بَيۡنِيۡ وَبَيۡنَكُمۡ شَهِيۡدًا ۚ يَعۡلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ
منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ شاهد، اهو ڄاڻي ٿو جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي،
منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ شاهد ڪافي آهي، جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو اهو ڄاڻندو آهي

وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا بِالۡبَاطِلِ وَكَفَرُوۡا بِاللّٰهِ ۙ اُولٰٓـئِكَ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿۵۲﴾
۽ جن ماڻهن مڃيو ڪوڙ کي ۽ ڪفر ڪيائون الله جو، اهي ئي نقصان وارا آهن.
۽ جن باطل کي مڃيو ۽ الله جو انڪار ڪيو سي ئي ٽوٽي وارا آهن.

وَيَسۡتَعۡجِلُوۡنَكَ بِالۡعَذَابِ ؕ وَلَوۡلَاۤ اَجَلٌ مُّسَمًّى لَّجَآءَهُمُ
۽ تڪڙو گهرن ٿا توکان عذاب کي، ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها وقت مقرر تہ اچي ها انهن تي
۽ توکان عذاب تڪڙو گهرندا آهن ۽ جيڪڏهن (ان جي) مدت مقرر ٿيل نہ هجي ها تہ ڪين

الۡعَذَابُ ؕ وَلَيَاۡتِيَنَّهُمۡ بَغۡتَةً وَّهُمۡ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿۵۳﴾ يَسۡتَعۡجِلُوۡنَكَ
عذاب، ۽ اوس ايندو انهن تي اوچتو ۽ اهي نہ ڄاڻندا. تڪڙو گهرن ٿا توکان
عذاب ضرور پهچي ها ۽ (اهو) مٿن پڪ اوچتو ايندو ۽ اهي بيخبر هوندا. توکان عذاب تڪڙو گهرندا آهن

بِالْعَذَابِ ؕ وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿۵۴﴾ يَوْمَ يَغْشٰهُمُ

عذاب ڪي ۽ بيشڪ دوزخ گهيرو ڪندڙ آهي ڪافرن تي. جنهن ڏينهن ڍڪيندو انهن کي

۽ بيشڪ دوزخ ڪافرن کي (انهيءَ ڏينهن) وڪوڙيندڙ آهي. جنهن ڏينهن کين عذاب

الْعَذَابُ مِنْ فَوْقِهِمْ وَمِنْ تَحْتِ اَرْجُلِهِمْ وَيَقُوْلُ ذُوْقُوْا

عذاب انهن جي مٿان ۽ انهن جي پيرن هيٺان ۽ چوندو چکو

سندن مٿان ۽ سندن پيرن جي هيٺان ويڙهيندو ۽ (الله) چوندو ته

مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۵۵﴾ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ اَرْضِيْ

ان کي جو توهان ڪندا هئا. اي منهنجا ٻانهؤ جن ايمان آندو آهي بيشڪ ڌرتي منهنجي

جيڪي ڪندا هيو تنهن جو (مزو) چکو. اي منهنجا مومن ٻانهوا بيشڪ منهنجي زمين ويڪري آهي.

وَاسِعَةٌ فَاِيَّايَ فَاعْبُدُوْنِ ﴿۵۶﴾ كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ۫

ڪشادي آهي پوءِ منهنجي ئي عبادت ڪريو. هر جيئرو چکڻ وارو آهي موت کي.

تنهن ڪري خاص منهنجي عبادت ڪريو. هرهڪ نفس موت جو مزو چکڻ وارو آهي.

ثُمَّ اِلَيْنَا تُرْجَعُوْنَ ﴿۵۷﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

پوءِ اسان ڏانهن موٽايا ويندؤ. ۽ جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا

وري اسان ڏي موٽائبو. ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا.

لَنُبَوِّئَنَّهُمْ مِّنَ الْجَنَّةِ غُرَفًا تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ

اسان رهائينداسون انهن کي جنت جي ماڙين ۾ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون

تن کي ضرور بهشت جي ماڙين ۾ ٽڪائينداسون. جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن.

خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ نِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِيْنَ ﴿۵۸﴾ الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَ

هميشه رهندا ان ۾ واهه جو اجر آهي ڪم ڪندڙن جو. انهن جو جن صبر ڪيو ۽

منجهن سدائين رهڻ وارا آهن (انهن چڱن) ڪمن ڪندڙن جي مزوري چڱي آهي. جن صبر ڪيو ۽

عَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَكَاَيِّنْ مِّنْ دَآبَّةٍ لَّا تَحْمِلُ رِزْقَهَا ۖ

پنهنجي رب تي ڀروسو ڪيو ۽ ڪيترائي جيتامڙا نه ٿا کڻن ڇوڙو پنهنجو.

پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو ڪندا آهن. ۽ ڪيترا ئي جانور پنهنجي روزي (ساڻ) نه کڻندا آهن.

اَللّٰهُ يَرْزُقُهَا وَاِيَّاكُمْ ۖ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿۶۰﴾ وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ

الله ڏئي ٿو انهن کي ۽ اوهان کي ۽ اهوئي ٻڌندڙ جاڻندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن پڇندين انهن کان

الله انهن کي ۽ اوهان کي روزي ڏيندو آهي ۽ اهوئي ٻڌندڙ جاڻندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن کانئن پڇين ته

مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ

تہ ڪنھن خلقيو آسمانن ۽ زمين کي ۽ تابع ڪيو سج ۽ چنڊ کي

ڪنھن آسمانن ۽ زمين کي بڻايو ۽ (ڪنھن) سج ۽ چنڊ کي نوايو آھي؟ تہ ضرور چوندا

لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ۚ فَاَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿٦١﴾ اَللّٰهُ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ

تہ ضرور چوندا الله. پوءِ ڪيڏانھن ڦيريا تا وڃن. الله ڪشادو ڪري ٿو رزق جنھن لاءِ

تہ الله! پوءِ ڪيڏانھن ڦيرايا ويندا آھن؟ الله پنھنجي ٻانھن مان جنھن لاءِ گھري تنھن جي روزي ڪشادي ڪندو آھي

يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ لَهٗ ۗ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٦٢﴾

گھري ٿو پنھنجن ٻانھن مان ۽ گھٽ ڪري ان جو. بيشڪ الله ھر شيءِ کي ڄاڻندڙ آھي.

۽ (جنھن لاءِ گھري تنھن جي) تنگ ڪندو آھي، ڇو تہ الله ھر شيءِ کي ڄاڻندڙ آھي.

وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ نَّزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ

۽ جيڪڏھن تون پڇا ڪندين انھن کان تہ ڪنھن لاٿو آسمان مان پاڻي پوءِ آباد ڪيائين ان سان زمين کي

۽ جيڪڏھن کائن پڇين تہ ڪنھن آسمان کان پاڻي وسايو، پوءِ ان سان زمين کي ان جي مرڻ (غير آباد ٿيڻ)

مِنْۢ بَعْدِ مَوْتِهَا لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ۗ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ ۗ بَلْ اَكْثَرُهُمْ

ان جي غير آباد ھجڻ کان پوءِ تہ ضرور چوندا الله. تون چؤ سڀ ساراہ الله لاءِ آھي، پر گھڻا انھن مان

کان پوءِ جيئرو (آباد) ڪيو؟ تہ ضرور چوندا تہ الله! (اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ سڀ ساراہ الله کي جڳائي، بلڪ منجھائن گھڻا

لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٦٣﴾ وَمَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَهْوٌ وَّلَعِبٌ ۗ وَ

نہ تا سمجھن. ۽ ناھي ھيءَ حياتي دنيا جي مگر ريجھ ۽ راند. ۽

نہ ڄاڻندا آھن. ۽ ھيءَ دنيا جي حياتي تہ تماشي ۽ راند کان سواءِ ٻيو ڪجھ نہ آھي ۽ بيشڪ آخرت جي

اِنَّ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ لَهِيَ الْحَيَوَانُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٦٤﴾ فَاِذَا

بيشڪ گھر آخرت جو اھائي آھي حياتي، جيڪڏھن سمجھن ھا. پوءِ جڏھن

حويلي ئي سدائين حياتيءَ (واري) آھي. جيڪڏھن ڄاڻن ھا (تہ آخرت کي دنيا کان وڌيڪ پسند ڪن ھا). پوءِ (اھي) جڏھن

وقف لازم

رَكِبُوْا فِى الْفُلْكِ دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۚ فَلَمَّا نَجّٰهُمْ

چڙھن ٿا ٻيڙي ۾ پڪارين ٿا الله کي سچائي رکندڙ ان جي دين لاءِ. پوءِ جڏھن بچائي آڻي ٿو انھن کي

ٻيڙين ۾ چڙھندا آھن، (تڏھن) رڳو الله کي سندس سچو اعتقاد رکندڙ ٿي سڏيندا آھن. پوءِ جڏھن کين پر ڏانھن

اِلَى الْبَرِّ اِذَا هُمْ يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٥﴾ لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ ۚ وَلِيَتَمَتَّعُوْا ۗ وقفة

سُڪيءَ تي انھي وقت اھي شرڪ ٿا ڪن. جيئن انڪار ڪن اسان جي ڏني جو. ۽ پل تہ مزو ماڻين.

بچائي پھچائيندو آھي، (تڏھن) اتي جو اتي (ھن ڪري) شرڪ ڪندا آھن. تہ جيڪي کين ڏنو سون تنھن جي بي شڪري ڪن. ۽

فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ (٦٦) اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا جَعَلْنَا حَرَمًا اٰمِنًا وَّيُتَخَطَّفُ

پوءِ جلد جاڻندا. ڇا نہ ڏٺائون تہ اسان ڪيو آهي حرم کي امن وارو حالانڪ کنيا وڃن ٿا

پل تہ مزا ماڻي وٺن. پوءِ سگهوئي (حال جي حقيقت) ڄاڻيندا. نہ ڏٺائون ڇا تہ، اسان (مڪي جي) حرم کي امن جي جاءِ ڪئي؟ حالانڪ

النَّاسُ مِنْ حَوْلِهِمْ ؕ اَفَبِالْبَاطِلِ يُؤْمِنُوْنَ وَبِنِعْمَةِ اللّٰهِ

ماڻهو انهن جي چوڌاري، ڇا پوءِ ڪوڙ تي يقين ٿا رکن ۽ الله جي احسان جو

سندن آس پاس کان ماڻهو اماڻ ڪجي ويندا آهن. پوءِ ڇو ڪوڙ (باطل) کي مڃيندا آهن ۽ الله جي نعمتن جو (ڇو)

يَكْفُرُوْنَ (٦٧) وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ

انڪار ٿا ڪن. ۽ ڪير وڌيڪ ظالم آهي ان کان جيڪو گهڙي الله تي ڪوڙ يا

انڪار ڪندا آهن؟ ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جيڪو الله تي ڪوڙو ناهہ ناهي يا

كَذَّبَ بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهٗ ؕ اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ مَثْوًى

ڪوڙو ڪري حق کي جڏهن اهو وٽس اچي، ڇا نا هي دوزخ ۾ جاءِ

جڏهن وٽس حق آيو، تڏهن ان کي ڪوڙو ڄاتائين؟ ڪافرن جي جاءِ دوزخ ۾ نہ آهي ڇا؟

لِّلْكٰفِرِيْنَ (٦٨) وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا ؕ

منڪرن جي. ۽ جن جهاد ڪيو اسان لاءِ تہ ضرور ڏيکارينداسون انهن کي واٽون پنهنجون،

۽ جن اسان (جي واٽ) ۾ ڪوشش ڪئي، تن کي ضرور پنهنجون واٽون ڏيکارينداسون

وَاِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِيْنَ (٦٩) ع

۽ بيشڪ الله گڏ آهي چڱائي وارن سان.

۽ بيشڪ الله ڀلارن سان گڏ آهي.

سُوْرَةُ الرُّوْمِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٦٠ رُكُوْعَاتُهَا ٦

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الٓمّٓ (١) غُلِبَتِ الرُّوْمُ (٢) فِيْٓ اَدْنَى الْاَرْضِ وَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ غَلَبِهِمْ

الم. هارايو رومين. پرواري ملڪ ۾ ۽ اهي هارائڻ کان پوءِ

الم. رومي هيٺا ٿيا. ويجهي ملڪ ۾ ۽ اهي پنهنجي هيٺي ٿيڻ کان پوءِ

سَيَغْلِبُوْنَ (٣) فِيْ بِضْعِ سِنِيْنَ ؕ لِلّٰهِ الْاَمْرُ مِنْ قَبْلُ

اجهو سويارا ٿيندا. ٿورن ئي سالن ۾، الله جو ئي آهي سڀ ڪم اڳي

سگهوئي غالب ٿيندا. ٿورن ورهين ۾ ـ الله جي ئي (هٿ ۾) حڪومت اڳي توڙي پوءِ آهي

وَمِنْۢ بَعْدُ ؕ وَيَوْمَئِذٍ يَّفْرَحُ الْمُؤْمِنُوْنَ ۙ ﴿۴﴾ بِنَصْرِ اللّٰهِ ؕ يَنْصُرُ

۽ پوءِ، ۽ تنهن ڏينهن خوش ٿيندا مسلمان. الله جي مدد سان، اهو مدد ڪري ٿو

۽ انهيءَ ڏينهن مؤمن خوش ٿيندا. الله جي مدد سان، (الله) جنهن کي گهري تنهن کي سوڀ ڏيندو آهي

مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ۙ ﴿۵﴾ وَعْدَ اللّٰهِ ؕ لَا يُخْلِفُ اللّٰهُ

جنهن کي چاهي، ۽ اهوئي زبردست آهي رحم وارو آهي، ٿيو الله جو وعدو، نه ڦيريندو الله

۽ اهوئي غالب مهربان آهي. الله انجام ڪيو آهي، الله پنهنجو انجام نه ڦيرائيندو

وَعْدَهٗ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۶﴾ يَعْلَمُوْنَ ظَاهِرًا

پنهنجي وعدي کي پر گهڻا ماڻهو نه ٿا ڄاڻن. ڄاڻن ٿا ظاهري

پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن. ظاهر دنيا جي حياتيءَ جون (رٿون)

مِّنَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَهُمْ عَنِ الْاٰخِرَةِ هُمْ غٰفِلُوْنَ ﴿۷﴾ اَوَلَمْ

دنيا جي زندگي، ۽ اهي آخرت کان بي خبر آهن. ڇا نه

ڄاڻندا آهن ۽ اُهي آخرت کان بي خبر آهن. پنهنجين دلين ۾

يَتَفَكَّرُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ۫ مَا خَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ

ٿا سوچين پنهنجين دلين ۾، ته پيدا ڪيو الله آسمانن ۽ زمين کي

نه سوچيائون ڇا؟ ته الله آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾

وَمَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ وَاِنَّ كَثِيْرًا

۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي رڳو حق سان ۽ وقت مقرر سان، ۽ ڪيترائي

آهي، تنهن کي پوريءَ رٿ ۽ مقرر مدت کان سواءِ نه بڻايو آهي ۽ بيشڪ ماڻهن مان گهڻا

مِّنَ النَّاسِ بِلِقَآئِ رَبِّهِمْ لَكٰفِرُوْنَ ﴿۸﴾ اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ

ماڻهو پنهنجي رب جي ملاقات جو انڪار ڪندڙ آهن. ڇا نه سير ڪيو اٿن زمين ۾

پنهنجي پالڻهار جي ملڻ کان منڪر آهن. ملڪ ۾ نه گهميا آهن ڇا؟

فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَانُوْٓا اَشَدَّ

پوءِ ڏسن ته ڪيئن ٿيو انجام انهن کان اڳين جو، اهي هئا وڌيڪ

جو نهارين ته جيڪي کانئن اڳ هئا تن جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي؟ جي کانئن

مِنْهُمْ قُوَّةً وَّاَثَارُوا الْاَرْضَ وَعَمَرُوْهَآ اَكْثَرَ مِمَّا عَمَرُوْهَا

انهن کان طاقت ۾ ۽ کيڙيائون ڌرتي کي ۽ آباد ڪيائون ان کي وڌيڪ انهي کان جو آباد ڪيو هنن ان کي

وڌيڪ سگهه وارا هئا ۽ زمين کيڙيائون ۽ اها جيڪي هاڻ آباد ڪيائون، تنهن کان وڌيڪ اها انهن آباد ڪئي

وَجَآءَتۡهُمۡ رُسُلُهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ ؕ فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظۡلِمَهُمۡ وَلٰكِنۡ

۽ آندا انهن وٽ سندن رسول چٽا حڪم، پوءِ ناهي اڻين الله جو ظلم ڪري انهن تي پر

۽ سندن پيغمبر وٽن معجزن سان آيا. پوءِ الله جو شان اهڙو نه هو جو مٿن ظلم ڪري پر

كَانُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ يَظۡلِمُوۡنَ ؕ ⑨ ثُمَّ كَانَ عَاقِبَةَ الَّذِيۡنَ اَسَآءُوا

اهي پاڻ تي ظلم ڪندا هئا. پوءِ ٿيو انجام انهن جو جن برائي ڪئي

پاڻ تي ظلم ڪيائون ٿي. وري جن بڇڙائي ڪئي، تن جي پڇاڙي بڇڙي ٿي.

السُّوۡۤاٰۤی اَنۡ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَكَانُوۡا بِهَا يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ⑩ ع اَللّٰهُ

تمام بڇڙو جو ڪوڙو ڪيائون الله جي آيتن کي ۽ هئا انهن تي مسخري ڪندا. الله

هن ڪري جو الله جي آيتن کي ڪوڙو ڀانيائون ۽ مٿن ٺٺوليون ڪندا هئا. الله خلق کي

يَبۡدَؤُا الۡخَلۡقَ ثُمَّ يُعِيۡدُهٗ ثُمَّ اِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ ⑪ وَيَوۡمَ تَقُوۡمُ السَّاعَةُ

نئين سر ڪري ٿو پيدائش وري موٽائي ٿو ان کي پوءِ انهيءَ ڏانهن رجوع ڪيا ويندؤ. ۽ جنهن ڏينهن ٿيندي قيامت

نئين سر بڻائي ٿو، وري ان کي ٻيهر بڻائيندو، وري ڏانهس اوهين موٽائبو. ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي

يُبۡلِسُ الۡمُجۡرِمُوۡنَ ⑫ وَلَمۡ يَكُنۡ لَّهُمۡ مِّنۡ شُرَكَآئِهِمۡ شُفَعٰٓؤُا وَكَانُوۡا

نااميد ٿيندا ڏوهاري. ۽ نه هوندا انهن لاءِ سندن شريڪن مان ڪي ٻه سفارش ڪندڙ ۽ اهي ٿيندا

تنهن ڏينهن گنهگار نااميد ٿيندا. ۽ (الله سان مقرر ڪيلن) سندن شريڪن مان ڪو به انهن جي سفارش ڪرڻ وارو نه

بِشُرَكَآئِهِمۡ كٰفِرِيۡنَ ⑬ وَيَوۡمَ تَقُوۡمُ السَّاعَةُ يَوۡمَئِذٍ يَّتَفَرَّقُوۡنَ ⑭

پنهنجن شريڪن جا انڪار ڪندڙ. ۽ جنهن ڏينهن ٿيندي قيامت تنهن ڏينهن وچڙي ويندا.

ٿيندو ۽ پنهنجن (ٺهرايلن) شريڪن جا منڪر ٿيندا. ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي، تنهن ڏينهن (ماڻهو)

فَاَمَّا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَهُمۡ فِيۡ رَوۡضَةٍ يُّحۡبَرُوۡنَ ⑮

پوءِ جن ايمان آندو ۽ ڪيا ڪم چڱا ته اهي باغ ۾ ٻهاري ڪرايا ويندا.

ڌارو ڌار ٿيندا. پوءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪر ڪيا سي باغن ۾ خوش ڪبا.

وَاَمَّا الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَكَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا وَلِقَآئِ الۡاٰخِرَةِ فَاُولٰٓئِكَ

۽ پر جن ڪفر ڪيو ۽ ڪوڙو ڪيائون اسان جي آيتن کي ۽ آخرت جي ملاقات کي پوءِ اهي

۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ۽ قيامت جي ملڻ کي ڪوڙ ڄاتو سي عذاب ۾ حاضر

فِي الۡعَذَابِ مُحۡضَرُوۡنَ ⑯ فَسُبۡحٰنَ اللّٰهِ حِيۡنَ تُمۡسُوۡنَ وَحِيۡنَ تُصۡبِحُوۡنَ ⑰

عذاب ۾ پڪڙيل هوندا. پوءِ تسبيح پڙهو الله جي جڏهن شام ٿا ڪريو ۽ جڏهن صبح ٿا ڪريو.

ڪيل هوندا. پوءِ جنهن مهل سانجهي ڪريو ۽ جنهن مهل صبح ڪريو، تنهن مهل الله جي پاڪائي بيان ڪيو.

وَلَهُ الْحَمْدُ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَعَشِيًّا وَّحِيْنَ تُظْهِرُوْنَ ﴿١٨﴾
۽ انهيءَ جي ساراهه آهي آسمانن ۾ زمين ۾ ۽ ٽيهريءَ جو ۽ جڏهن ٻيپهري ٿا ڪريو.
۽ آسمانن ۽ زمين ۾ ان جي ساراهه آهي ۽ پوئين پهر ۽ جنهن مهل منجهند ڪريو (تنهن مهل بہ پاڪائي بيان ڪريو).

يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَيُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَيُحْيِ
ڪڍي ٿو جيئري کي مئل مان ۽ ڪڍي ٿو مئل کي جيئري مان ۽ آباد ڪري ٿو
مُئي مان جيئرو ڪڍندو آهي ۽ جيئري مان مُئو ڪڍندو آهي ۽ زمين کي

الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ وَكَذٰلِكَ تُخْرَجُوْنَ ﴿١٩﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ
زمين کي ان جي غير آباد ٿيڻ کان پوءِ ۽ اهڙي طرح ڪڍيا ويندؤ. ۽ انهيءَ جي نشانين مان هي آهي تہ
ان جي مرڻ کان پوءِ جياريندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح (اوهين قبرن مان) ڪڍبوَ. ۽ سندس نشانين مان هيءَ آهي جو

خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ اِذَآ اَنْتُمْ بَشَرٌ تَنْتَشِرُوْنَ ﴿٢٠﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ
پيدا ڪيائين توهان کي مٽي مان پوءِ تڏهن توهان ماڻهو ٿي پکڙجي پيا آهيو. ۽ ان جي نشانين مان آهي
اوهان کي مٽيءَ مان بڻايائين، وري انهيءَ مهل اوهين ماڻهو ٿي گهمو ڦرو ٿا. ۽ سندس نشانين مان هيءَ آهي

اَنْ خَلَقَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا لِّتَسْكُنُوْٓا اِلَيْهَا وَجَعَلَ بَيْنَكُمْ
تہ پيدا ڪيائين توهان لاءِ توهان جي جنس مان جوڙيون جيئن آرام وٺو انهن وٽ ۽ ڪيائين توهان جي وچ ۾
جو اوهان جي جنس مان اوهان لاءِ زالون پيدا ڪيائين تہ انهن سان آرام وٺو ۽ اوهان جي وچ ۾

مَّوَدَّةً وَّرَحْمَةً ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢١﴾ وَمِنْ
پيار ۽ ٻاجهہ، بيشڪ انهيءَ ۾ نشانيون آهن ماڻهن لاءِ جيڪي سوچ ٿا ڪن. ۽ ان جي
پيار ۽ ٻاجهہ پيدا ڪيائين. بيشڪ هن ۾ انهيءَ قوم لاءِ نشانيون آهن، جيڪي ڌيان رکندا آهن. ۽

اٰيٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاخْتِلَافُ اَلْسِنَتِكُمْ وَاَلْوَانِكُمْ ؕ
نشانين مان آهي پيدا ڪرڻ آسمانن ۽ زمين جو ۽ جدا جدا هجڻ توهان جي زبانن ۽ رنگن جو.
آسمانن ۽ زمين جو بڻائڻ ۽ اوهان جي ٻولين ۽ رنگن جو قسمين قسمين هجڻ سندس نشانين مان آهي.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلْعٰلِمِيْنَ ﴿٢٢﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهٖ مَنَامُكُمْ بِالَّيْلِ
بيشڪ انهيءَ ۾ نشانيون آهن علم وارن لاءِ. ۽ ان جي نشانين مان آهي ننڊ ڪرڻ توهان جي رات جو
بيشڪ ان ۾ ڄاڻيندڙن لاءِ نشانيون آهن، ۽ اوهان جو رات ۽ ڏينهن ۾ سمهڻ ۽ اوهان جو

وَالنَّهَارِ وَابْتِغَآؤُكُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ
۽ ڏينهن جو ۽ طلبڻ توهان جو ان جي فضل کي، بيشڪ انهيءَ ۾ نشانيون آهن ماڻهن لاءِ
سندس فضل مان روزي طلب ڪرڻ سندس نشانين مان آهي، بيشڪ هن ۾ ان قوم لاءِ نشانيون آهن، جيڪي

يَّسْمَعُوْنَ ﴿۲۳﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهٖ يُرِيْكُمُ الْبَرْقَ خَوْفًا وَّ طَمَعًا وَّ يُنَزِّلُ

جيڪي ٻڌن ٿا. ۽ ان جي نشانين مان آهي جو ڏيکاري ٿو توهانکي وڄ خوف لاءِ ۽ اميد لاءِ ۽ لاهي ٿو

(ڪن لائي) ٻڌندا آهن. ۽ سنديس نشانين مان (هيءَ به) آهي. جو اوهان کي ڏيڄارڻ ۽ اميد رکڻ لاءِ وڄ ڏيکاريندو

مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَيُحْيٖ بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ

آسمان کان پاڻي پوءِ جيئرو ڪري ٿو ان سان ڌرتي کي ان جي موت کان پوءِ بيشڪ انهي ۾

آهي ۽ آسمان کان پاڻي وسائيندو آهي، پوءِ ان سان زمين کي ان جي مرڻ کان پوءِ جياريندو آهي بيشڪ هن ۾

لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿۲۴﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهٖۤ اَنْ تَقُوْمَ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ

نشانيون آهن ماڻهن لاءِ جيڪي سمجهن ٿا. ۽ ان جي نشانين مان آهي جو قائم آهن آسمان ۽ زمين

انهيءَ قوم لاءِ نشانيون آهن، جيڪي سمجهه رکندا آهن. ۽ سندس حڪم سان آسمان ۽ زمين جو بيهڻ سنديس نشانين

بِاَمْرِهٖ ؕ ثُمَّ اِذَا دَعَاكُمْ دَعْوَةً ۖۗ مِّنَ الْاَرْضِ ۖۗ اِذَآ اَنْتُمْ تَخْرُجُوْنَ ﴿۲۵﴾

ان جي امر سان، وري جڏهن سڏ ڪندو توهان کي هڪڙو سڏ، ڌرتي مان ان وقت توهان نڪري پوندؤ.

مان آهي، وري جنهن مهل اوهان کي زمين مان هڪ ئي ڀيري سڏيو ويندو (تنهن مهل) جهٽ پٽ اوهين نڪرندؤ.

وَلَهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلٌّ لَّهٗ قٰنِتُوْنَ ﴿۲۶﴾ وَهُوَ الَّذِيْ

۽ ان جو ئي آهي جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، سمورا انهي جا تابعدار آهن. ۽ اهو ئي آهي جو

۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سنديس آهي، سڀئي سندس فرمانبردار آهن. ۽ اهو ئي آهي، جيڪو

يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ وَهُوَ اَهْوَنُ عَلَيْهِ ؕ وَلَهُ الْمَثَلُ

نئين سر ڪري ٿو پيدائش وري موٽائي ٿو ان کي ۽ اهو تمام آسان آهي ان تي، ۽ انهيءَ جو شان

خلق کي نئين سر بڻائيندو آهي، وري ان کي ورائي بڻائيندو ۽ اهو مٿس بلڪل سهنجو آهي ۽ آسمانن ۽ زمين ۾

الْاَعْلٰى فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۲۷﴾ ع ضَرَبَ

تمام بلند آهي آسمانن ۽ زمين ۾، ۽ اهو زبردست آهي حڪمت وارو آهي. ٻڌايائين

سندس ئي صفت تمام مٿاهين آهي ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي. (الله) اوهان لاءِ

لَكُمْ مَّثَلًا مِّنْ اَنْفُسِكُمْ ؕ هَلْ لَّكُمْ مِّنْ مَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ

توهان کي مثال توهان جي نفسن جو. ڇا توهان لاءِ توهانجي ٻانهن مان آهي

اوهان جي حال جو هڪ مثال بيان ڪيو آهي (ته) اوهان جا هٿ جن (ٻانهن) جا مالڪ ٿيا آهن، سي جيڪي (مال) اوهان کي ڏنوسون تنهن ۾ اوهان جا

مِّنْ شُرَكَآءَ فِيْ مَا رَزَقْنٰكُمْ فَاَنْتُمْ فِيْهِ سَوَآءٌ تَخَافُوْنَهُمْ

ڪوئي شريڪ ان ۾ جيڪي ڏنوسون توهانکي ڇا پوءِ اوهين انهي ۾ برابر آهيو ڊڄو ٿا انهن کان

ڪي ڀائيوار آهن ڇا؟ جو آهي ۽ اوهين ان (مال) ۾ برابر (حصي وارا) هجو ۽ (اوهين) انهن جي (ڀائيواريءَ جي دعويٰ) کان اهڙيءَ طرح ڊڄندا آهيو

كَخِيفَتِكُمْ اَنْفُسَكُمْ ۭ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿٢٨﴾

جيئن ڊڄو توهان جو پنهنجن کان اهڙيءَ طرح کولي پڌايون ٿا نشانيون ماڻهن لاءِ جيڪي سمجهن ٿا.

جهڙيءَ طرح اوهان کي پاڻ جهڙن (جي ڀائيواريءَ) کان ڀئو آهي. اهڙيءَ طرح انهيءَ قوم لاءِ نشانيون کولي بيان ڪندا آهيون، جيڪي سمجهه رکندا آهن.

بَلِ اتَّبَعَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَهْوَاۗءَهُمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۚ فَمَنْ يَّهْدِيْ

پر هلن ٿا ظالم پنهنجن خواهشن تي بنا سمجهه جي، پوءِ ڪير رستو ڏيکاريندو ان کي

بلڪ ظالم اڻ ڄاڻائيءَ سان پنهنجن سڌن جا تابعدار ٿيا آهن، پوءِ جنهن کي الله گمراهه ڪيو

مَنْ اَضَلَّ اللّٰهُ ۭ وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٢٩﴾ فَاَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ

جنهن کي گمراهه ڪيو الله، ۽ ناهي انهن لاءِ ڪوئي مددگار. پوءِ تون سڌو ڪر پنهنجو منهن دين لاءِ

تنهن کي ڪير هدايت ڪندو؟ ۽ انهن لاءِ ڪو مددگار ڪونهي. پوءِ (اي پيغمبرا) پنهنجي منهن کي دين لاءِ هڪ

حَنِيْفًا ۭ فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِيْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا ۭ لَا تَبْدِيْلَ لِخَلْقِ اللّٰهِ ۭ

هڪ طرفو ٿي، الله جي دين تي جنهن تي پيدا ڪيائين انسان کي. ناهي ڪا مٽ سٽ الله جي خلقڻ ۾،

طرفو ڪري بيهار، الله جي دين جي (پيروي ڪر) جنهن تي ماڻهن کي پيدا ڪيائين، الله جي خلقڻ کي ڪا مٽ

ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ڎ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٠﴾ ڎ

اهوئي دين سڌو آهي پر گهڻا ماڻهو نه ٿا ڄاڻن.

سٽ نه آهي، اهوئي سڌو دين آهي پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻيندا آهن.

مُنِيْبِيْنَ اِلَيْهِ وَاتَّقُوْهُ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَلَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿٣١﴾ ڎ

ٿيو رجوع ڪندڙ انهي ڏانهن ۽ ڊڄوان کان ۽ قائم ڪريو نماز کي ۽ نه ٿيو مشرڪن مان.

ڏانهس موٽندڙ ٿي (عبادت ڪريو) ۽ ڪانئس ڊڄو ۽ نماز پڙهندا رهو ۽ مشرڪن مان نه ٿيو.

مِنَ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًا ۭ كُلُّ حِزْبٍۢ بِمَا لَدَيْهِمْ

انهن مان جن ڦوٽ وڌي پنهنجي دين ۾ ۽ ٿيا فرقا، سڀ ٽولا اُن تي جيڪي وٽن آهي

انهن مان نه ٿيو جن پنهنجي دين کي ڏاروڏار ڪيو ۽ ٽولين ٽولين ٿي ويا، سڀڪا ٽولي انهيءَ تي خوش آهي، جيڪي وٽس آهي.

فَرِحُوْنَ ﴿٣٢﴾ وَاِذَا مَسَّ النَّاسَ ضُرٌّ دَعَوْا رَبَّهُمْ مُّنِيْبِيْنَ

خوش ٿيندڙ آهن. ۽ جڏهن پهچي ٿي ماڻهن کي تڪليف ته سڏين ٿا پنهنجي رب کي رجوع ٿيندڙ

۽ جڏهن ماڻهن کي ڪا تڪليف پهچندي آهي، (تڏهن) پنهنجي پالڻهار ڏانهن متوجه ٿي کيس سڏيندا آهن،

اِلَيْهِ ثُمَّ اِذَآ اَذَاقَهُمْ مِّنْهُ رَحْمَةً اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ بِرَبِّهِمْ

انهي ڏانهن پوءِ جڏهن چکائي ٿو انهن کي پنهنجي طرفان رحمت ته ان وقت ٽي ڪي ماڻهو انهن مان پنهنجي رب سان

وري جڏهن اهو پاڻ وٽان ڪين ٻاجهه چکائيندو آهي، (تڏهن) انهيءَ مهل منجهانئن ڪا ٽولي پنهنجي پالڻهار سان (هن لاءِ)

يُشْرِكُوْنَ ﴿٣٣﴾ لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ ؕ فَتَمَتَّعُوْا ۥ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿٣٤﴾ اَمْ

شريڪ ٿا ڪن. جيئن انڪار ڪن اسان جي ڏني جو. پوءِ نفعو وٺو. پوءِ جلد ڄاڻندؤ. يا

شريڪ بڻائيندي آهي. ته جيڪي ڪين ڏنوسون تنهن جي بي شڪري ڪن. پوءِ مزا ماڻي وٺو! پوءِ سگهوئي (حال حقيقت) ڄاڻندؤ.

اَنْزَلْنَا عَلَيْهِمْ سُلْطٰنًا فَهُوَ يَتَكَلَّمُ بِمَا كَانُوْا بِهٖ يُشْرِكُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَ

اسان لاٿو آهي انهن تي ڪو دليل پوءِ اهو چوين ٿو جنهن ڪري ان سان شريڪ ڪندا آهن. ۽

مٿن ڪا سند لاٿي سون ڇا؟ جو انهيءَ (شيءِ) جي (سچائي) بابت ڳالهائي ٿي، جنهن شيءِ کي الله سان شريڪ ڪندا آهن. ۽ جڏهن

اِذَآ اَذَقْنَا النَّاسَ رَحْمَةً فَرِحُوْا بِهَا ؕ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ

جڏهن چکايون ٿا ماڻهن کي رحمت خوش ٿين ٿا ان تي، ۽ جيڪڏهن پهچي ٿي انهن کي ڪابرائي ان سبب جو موڪليو

ماڻهن کي ٻاجھ چکائيندا آهيون (تڏهن) ان سان سرها ٿيندا آهن ۽ جيڪڏهن انهيءَ سببان جو سندن هٿن (مدايون) اڳي موڪليون ڪين ڪو

اَيْدِيْهِمْ اِذَا هُمْ يَقْنَطُوْنَ ﴿٣٦﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ

سندن هٿن ان وقت اهي نااميد ٿا ٿين. ڇانه ڏٺائون ته الله ڪشادو ڪري ٿو رزق

ڏک پهچندو آهي ته انهيءَ ئي مهل نااميد ٿيندا آهن. نه ڏٺو اٿن ڇا؟ ته الله جنهن لاءِ گهرندو آهي، تنهن جي روزي ڪشادي ڪندو آهي

لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٣٧﴾ فَاٰتِ

جنهن جو گهري ۽ گهٽ ڪري ٿو، بيشڪ انهيءَ ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي يقين رکن ٿا. پوءِ ڏي

۽ (جنهن لاءِ گهرندو آهي، تنهن جي) گهٽ ڪندو آهي. بيشڪ هن ۾ مڃيندڙ قوم لاءِ نشانيون آهن. تنهن ڪري

ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ ؕ ذٰلِكَ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ

مائٽ کي سندس حق ۽ مسڪين کي ۽ مسافر کي، اهو تمام ڀلو آهي انهن لاءِ جيڪي

مائٽيءَ واري ۽ مسڪين ۽ مسافر کي، سندس حق ڏي، اِهو انهن لاءِ ڀلو آهي، جيڪي

يُرِيْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ ؗ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٣٨﴾ وَمَآ اٰتَيْتُمْ

چاهين ٿا رضا الله جي ۽ اهي ئي ڪامياب آهن. ۽ جيڪو ڏيو ٿا

الله جو راضپو گهرندا آهن ۽ اِهي ئي ڇوٽڪاري وارا آهن. ۽ وياج مان جيڪي ڏنو هجيوَ

مِّنْ رِّبًا لِّيَرْبُوَا۟ فِىْٓ اَمْوَالِ النَّاسِ فَلَا يَرْبُوْا عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَمَآ

ڪو وياج ته جيئن واڌارو ٿئي ماڻهن جي مالن ۾ سو نه وڌندو الله وٽ، ۽ اهو جيڪي

ته ماڻهن جي مال ۾ وڌي، سو الله وٽ نه وڌندو ۽ الله جو راضپو

اٰتَيْتُمْ مِّنْ زَكٰوةٍ تُرِيْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُضْعِفُوْنَ ﴿٣٩﴾

ڏيو ٿا زڪوات ۾ گهرندي رضا الله جي پوءِ اهي ئي ٻيڻو ڪمائيندڙ آهن.

گهرندڙ ٿي زڪوات مان جيڪي ڏنو هجيوَ، پوءِ اِهي ئي (پنهنجي مال کي الله وٽ) ٻيڻو ڪندڙ آهي.

اَللّٰهُ الَّذِیۡ خَلَقَكُمۡ ثُمَّ رَزَقَكُمۡ ثُمَّ يُمِيۡتُكُمۡ ثُمَّ يُحۡيِيۡكُمۡ ؕ هَلۡ

الله اهو آهي جنهن پيدا ڪيو توهان کي پوءِ رزق ڏنائين توهان کي وري ماريندو توهانکي وري جيئاريندو توهانکي، آهي

الله اهو آهي جنهن اوهان کي بڻايو. وري اوهان کي روزي ڏنائين. وري اوهان کي ماريندو وري اوهان کي جيئاريندو

مِنۡ شُرَكَآئِكُمۡ مَّنۡ يَّفۡعَلُ مِنۡ ذٰلِكُمۡ مِّنۡ شَیۡءٍ ؕ سُبۡحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى

ڪوئي اوهان جي شريڪن مان جو ڪري ٿو انهن ڪمن مان ڪا شيءِ، پاڪائي آهي انهي جي ۽ اهو مٿانهون آهي

اوهان جي (ٺهرايل) شريڪن مان ڪو اهڙو آهي ڇا، جو اهڙن ڪمن مان ڪجهه ڪري (سگهي؟) الله پاڪ آهي ۽ ان کان تمام مٿاهون آهي.

عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ﴿۴۰﴾ ظَهَرَ الۡفَسَادُ فِی الۡبَرِّ وَالۡبَحۡرِ بِمَا كَسَبَتۡ ع

انهن کان جنکي شريڪ ٿا ڪن، ظاهر ٿيو فساد سڪيءَ ۽ سمنڊ ۾ انڪري جيڪي ڪيو

جنهن کي (ساڻس) شريڪ ٺهرائيندا آهن. ماڻهن جي هٿن جي ڪئي سببان بر ۽ بحر ۾ فساد هن لاءِ پڌرو ٿيو آهي ته.

اَيۡدِی النَّاسِ لِيُذِيۡقَهُمۡ بَعۡضَ الَّذِیۡ عَمِلُوۡا لَعَلَّهُمۡ يَرۡجِعُوۡنَ ﴿۴۱﴾ قُلۡ

ماڻهن جي هٿن جيئن چکائي انهنکي ڪجهه سزا سندن ڪمن جي جيئن اهي رجوع ڪن. چؤ

جيڪي (مدا ڪم) ڪياءون تنهن جي ڪجهه (سزا) کين چکائي ته مَنَ اهي موٽن. چئو ته

سِيۡرُوۡا فِی الۡاَرۡضِ فَانۡظُرُوۡا كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلُ ؕ

سير ڪريو ملڪ ۾ پوءِ نظر ڪريو ته ڪيئن ٿيو انجام انهن جو جيڪي اڳ هئا،

ملڪ ۾ گهمو پوءِ ڏسو ته جيڪي اڳ هئا تن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟

كَانَ اَكۡثَرُهُمۡ مُّشۡرِكِيۡنَ ﴿۴۲﴾ فَاَقِمۡ وَجۡهَكَ لِلدِّيۡنِ الۡقَيِّمِ مِنۡ

هئا گهڻا انهنجا شريڪ ڪندڙ. پوءِ تون سڌو رک منهن پنهنجو دين سڌي لاءِ انهي کان

منجهانئن گهڻا مشرڪ هئا. پوءِ پنهنجي منهن کي ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳ

قَبۡلِ اَنۡ يَّاۡتِیَ يَوۡمٌ لَّا مَرَدَّ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ يَوۡمَئِذٍ يَّصَّدَّعُوۡنَ ﴿۴۳﴾

اڳ ۾ جو اچي اهڙو ڏينهن جو موٽڻو ناهي الله جي طرفان ان ڏينهن ماڻهو ٽڙي پکڙي ويندا.

سڌي دين لاءِ بيهار! جو الله وٽان ان (ڏينهن) کي رد ٿيڻو نه آهي، ان ڏينهن (ماڻهو) الڳ الڳ ٿيندا.

مَنۡ كَفَرَ فَعَلَيۡهِ كُفۡرُهٗ ۚ وَمَنۡ عَمِلَ صَالِحًا فَلِاَنۡفُسِهِمۡ

جنهن ڪفر ڪيو پوءِ ان تي آهي ڪفر انهيءَ جو، ۽ جن ڪيا چڱا ڪم پوءِ پنهنجي لاءِ ٿا

جيڪو ڪافر ٿيو تنهن تي سندس ڪفر آهي ۽ جن چڱا ڪم ڪيا سي پاڻ لاءِ

يَمۡهَدُوۡنَ ﴿۴۴﴾ ۙ لِيَجۡزِیَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنۡ فَضۡلِهٖ ؕ

سڌارو ڪن. جيئن بدلو ڏئي انهن کي جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا پنهنجي فضل مان،

هنڌ وڇائين ٿا. ته جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا تن کي (الله) پنهنجي فضل سان بدلو ڏئي،

اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ يُّرْسِلَ الرِّيَاحَ مُبَشِّرٰتٍ
اهو نہ تو پسند ڪري ڪافرن کي. ۽ ان جي نشانين مان هي آهي تہ موڪلي ٿو هوائون خوشخبري ڏيندڙ
بيشڪ اهو ڪافرن کي دوست نہ رکندو آهي. ۽ سندس نشانين مان هيءُ آهي تہ خوشخبري ڏيندڙ هيرون گهلائيندو آهي
وَّلِيُذِيْقَكُمْ مِّنْ رَّحْمَتِهٖ وَلِتَجْرِيَ الْفُلْكُ بِاَمْرِهٖ وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ
۽ جيئن چکائي توهان کي پنهنجي ٻاجهہ مان ۽ جيئن تہ هلن ٻيڙيون ان جي حڪم سان ۽ جيئن طلب ڪريو ان جي
۽ تہ اوهان کي پنهنجي ڪجهہ ٻاجهہ چکائي ۽ تہ سندس حڪم سان ٻيڙيون ترن ۽ تہ سندس فضل مان (روزي) طلب ڪريو
فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ رُسُلًا
رزق مان ۽ من اوهان شڪر ڪريو. ۽ اسان موڪلياسون توکان اڳي ڪيترا رسول
۽ تہ مَنَ اوهين شڪرانو ڪريو. ۽ بيشڪ توکان اڳ گهڻن پيغمبرن کي سندن قوم ڏانهن موڪليوسون.
اِلٰى قَوْمِهِمْ فَجَآءُوْهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَانْتَقَمْنَا مِنَ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا ؕ
سندن قومن ڏانهن پوءِ آنداؤن انهن وٽ معجزا پوءِ بدلو ورتوسون انهن کان جن ڏوهہ ڪيا.
پوءِ وٽن معجزن سان آيا، پوءِ جن نافرماني ڪئي، تن کان بدلو ورتوسون
وَكَانَ حَقًّا عَلَيْنَا نَصْرُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٧﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْ يُرْسِلُ الرِّيٰحَ
۽ آهي حق اسان تي مدد ڪرڻ ايمان وارن جي. الله اهو آهي جو موڪلي ٿو هوائون
۽ مؤمنن کي سوڀارو ڪرڻ اسان تي حق آهي. الله اهو آهي جيڪو وائن کي موڪليندو آهي، پوءِ (اهي) ڪڪر کي
فَتُثِيْرُ سَحَابًا فَيَبْسُطُهٗ فِي السَّمَآءِ كَيْفَ يَشَآءُ وَيَجْعَلُهٗ كِسَفًا
پوءِ اٿارين ٿيون ڪڪر کي پوءِ پکيڙي ٿو ان کي آسمان ۾ جهڙي طرح گهري ٿو ۽ ڪري ٿو ان کي ٽڪرا ٽڪرا
ڪڍنديون آهن. پوءِ جيئن (الله) گهرندو آهي، تيئن آسمان ۾ اُن (ڪڪر) کي ڪنڊرائيندو آهي، پوءِ اُن کي تهہ تهہ ڪندو آهي.
فَتَرَى الْوَدْقَ يَخْرُجُ مِنْ خِلٰلِهٖ ۚ فَاِذَآ اَصَابَ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ
پوءِ تون ڏسندين مينهن کي نڪري ٿو ان جي وچان. پوءِ جڏهن پهچائي ٿو انکي جنهن تي چاهي
پوءِ (تون) ڦڙن کي ڏسندو آهين، جو اُن (ڪڪر) جي وچ مان نڪرنديون آهن. پوءِ جڏهن پنهنجن ٻانهن مان جنهن تي وڻندو اٿس، تنهن تي اهو
مِنْ عِبَادِهٖٓ اِذَا هُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلِ
پنهنجي ٻانهن مان تہ ان وقت اهي خوشي ٿا ڪن. ۽ بيشڪ هئا ان کان اڳي
(مينهن) پهچائيندو آهي، (تڏهن) اُنهيءَ ئي مهل اهي خوش ٿيندا آهن. ۽ جيتوڻيڪ اڳ اُن (مينهن) جي
اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْهِمْ مِّنْ قَبْلِهٖ لَمُبْلِسِيْنَ ﴿٤٩﴾ فَانْظُرْ اِلٰٓى اٰثٰرِ رَحْمَتِ اللّٰهِ
جو وسايو وڃي انهن تي پهرياڻين نااميد. پوءِ نظر ڪر الله جي رحمت جي نشانين ڏانهن
نہ وسائجڻ کان اڳيئي نااميد ٿيندڙ هئا. پوءِ الله جي ٻاجهہ جي نشانين ڏانهن نهار تہ ڪهڙيءَ طرح

كَيْفَ يُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ۭ اِنَّ ذٰلِكَ لَمُحْيِ الْمَوْتٰى ۚ

كيئن تو جياري زمين کي ان جي مرڻ کان پوءِ، بيشڪ اهوئي جيارينڌڙ آهي مئلن کي،

زمين کي سندس مرڻ کان پوءِ جيئاري ٿو! بيشڪ اهو (الله) مُئن کي ضرور جيارڻ وارو آهي ۽ اهو (الله) سڀ ڪنهن

وَهُوَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝٥٠ وَلَىِٕنْ اَرْسَلْنَا رِيْحًا فَرَاَوْهُ مُصْفَرًّا

۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي. ۽ جيڪڏهن اسان موڪليون لک پوءِ ڏسن پوڪ هيڊي

شيءِ تي وس وارو آهي. ۽ جيڪڏهن ڪو واءُ (جو جهولو) گهلايون (جو ان کي سڪائي ڇڏي) پوءِ اُن (پوڪ) کي هيڊو

لَّظَلُّوْا مِنْۢ بَعْدِهٖ يَكْفُرُوْنَ ۝٥١ فَاِنَّكَ لَا تُسْمِعُ الْمَوْتٰى وَلَا تُسْمِعُ

ته ڦري ٿين ٿا انهي کان پوءِ ڪفر ڪرڻ. پوءِ تون نه ٻڌائي سگهندين مئن کي ۽ نه ٻڌائيندين

ٿيندو ڏسن ته ان کان پوءِ بي شڪري ڪرڻ لڳندا آهن. پوءِ (اي پيغمبر!) تون سڏ، نڪي مئن کي ٻڌائي سگهندين ۽ نڪي ٻوڙن کي ٻڌائي سگهندين.

الصُّمَّ الدُّعَاۗءَ اِذَا وَلَّوْا مُدْبِرِيْنَ ۝٥٢ وَمَآ اَنْتَ بِهٰدِ الْعُمْيِ

ٻوڙن کي سڏ جڏهن ڦريا پٺي ڏئي. ۽ ناهين تون دڳ لائيندڙ انڌن کي

جڏهن ته اُهي پٺي ڏيئي منهن ڦيرائين. ۽ نڪي تون انڌن کي سندن گمراهيءَ کان (روڪي) سڌو رستو ڏيکاريندڙ آهين.

عَنْ ضَلٰلَتِهِمْ ۭ اِنْ تُسْمِعُ اِلَّا مَنْ يُّؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ مُّسْلِمُوْنَ ۝٥٣ ع

سندن گمراهي کان، رڳو تون ٻڌائيندين انهنکي جيڪي يقين رکن ٿا اسان جي آيتن تي پوءِ اهي ئي مسلمان آهن.

تون ته رڳو اُنهن کي ٻڌائي سگهندين، جن اسان جي آيتن تي ايمان آندو آهي، پوءِ اُهي مسلمان به آهن.

اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ ضُعْفٍ ثُمَّ جَعَلَ مِنْۢ بَعْدِ ضُعْفٍ

الله ئي آهي جنهن ٺاهيو توهان کي ڪمزوريءَ مان وري ڏنائين ڪمزوري کان پوءِ

الله اهو آهي، جنهن اوهان کي (پهرين) ڪمزور (شيءِ) مان خلقيو آهي، وري هيڻائيءَ کان پوءِ (اوهان ۾) سگهه پيدا ڪيائين.

قُوَّةً ثُمَّ جَعَلَ مِنْۢ بَعْدِ قُوَّةٍ ضُعْفًا وَّشَيْبَةً ۭ يَخْلُقُ مَا يَشَاۗءُ ۚ

سگهه وري ڏنائين طاقت کان پوءِ ڪمزوري ۽ ڪراڙپ، اهو پيدا ٿو ڪري جيڪي گهري ٿو.

وري سگهه کان پوءِ (اوهان کي) هيڻائي ۽ ٻڍائي ڏنائين. جو گهرندو آهي، سو خلقيندو آهي

وَهُوَ الْعَلِيْمُ الْقَدِيْرُ ۝٥٤ وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يُقْسِمُ الْمُجْرِمُوْنَ ۙ

۽ اهوئي ڄاڻندڙ آهي قدرت وارو آهي. ۽ جنهن ڏينهن ٿيندي قيامت قسم کڻندا ڏوهاري،

۽ اهو ڄاڻندڙ وس وارو آهي. ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي (تنهن ڏينهن) گنهگار قسم کڻندا ته

مَا لَبِثُوْا غَيْرَ سَاعَةٍ ۭ كَذٰلِكَ كَانُوْا يُؤْفَكُوْنَ ۝٥٥ وَقَالَ الَّذِيْنَ

نه ترسيا هئا مگر هڪ گهڙي، اهڙي طرح ويندا هئا ابتا ۽ چوندا اهي جن کي

(دنيا ۾) هڪ گهڙيءَ کان سواءِ (وڌيڪ) نه رهيا هئا (سون)، اهڙيءَ طرح (رستي کان) ڦيرايا ويندا هئا. ۽ جن کي

قرء حفص بضم الضاد وفتحها في الثلاثة لكن الضم مختاره ١٢

أُوتُوا الْعِلْمَ وَالْإِيمَانَ لَقَدْ لَبِثْتُمْ فِي كِتَٰبِ اللَّهِ إِلَىٰ يَوْمِ الْبَعْثِ ز

ڏنو ويو علم ۽ ايمان يقينن توهان رهيا آهيو الله جي لکيي ۾ تائين ڏينهن قيامت.

علم ۽ ايمان ڏنو ويو آهي، سي ڪين چوندا ته الله جي ڪتاب ۾ لکيئي موافق جيئري ٿي اٿڻ جي ڏينهن تائين (دنيا ۾) رهيا آهيو

فَهَٰذَا يَوْمُ الْبَعْثِ وَلَٰكِنَّكُمْ كُنتُمْ لَا تَعْلَمُونَ ﴿٥٦﴾ فَيَوْمَئِذٍ لَّا يَنفَعُ

پوءِ هي آهي ڏينهن اٿڻ جو پر توهان هئا نه ڄاڻندا. پوءِ ان ڏينهن نه نفعو ڏيندو

پوءِ هيءُ جيئري ٿي اٿڻ جو ڏينهن آهي، پر اوهين نه ڄاڻندا هيو. پوءِ اُن ڏينهن

الَّذِينَ ظَلَمُوا مَعْذِرَتُهُمْ وَلَا هُمْ يُسْتَعْتَبُونَ ﴿٥٧﴾ وَلَقَدْ ضَرَبْنَا

ظالمن کي بهانو انهن جو ۽ نڪي انهنجي توبهه گهربل آهي. ۽ بيشڪ بيان ڪياسون

ظالمن کي سندن عذر ڪرڻ فائدو نه ڏيندو ۽ نڪي انهن کان توبهه طلب ڪبي. ۽ بيشڪ ماڻهن لاءِ

لِلنَّاسِ فِي هَٰذَا الْقُرْآنِ مِن كُلِّ مَثَلٍ ط وَلَئِن جِئْتَهُم بِآيَةٍ

ماڻهن لاءِ هن قرآن ۾ هر طرح جا مثال. ۽ جيڪڏهن آڻيندين انهن وٽ ڪا آيت ته

هن قرآن ۾ هر طرح جا مثال بيان ڪياسون. ۽ جيڪڏهن وٽن ڪا نشاني (تون) آڻين

لَّيَقُولَنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا إِنْ أَنتُمْ إِلَّا مُبْطِلُونَ ﴿٥٨﴾ كَذَٰلِكَ يَطْبَعُ اللَّهُ

ضرور چوندا ڪافر ناهيو توهان مگر ڪوڙ هڻندڙ. اهڙي طرح مهر هڻي ٿو الله

ته ڪافر ضرور چوندا ته اوهين رڳو ڪوڙا آهيو. اهڙيءَ طرح جيڪي نه ڄاڻندا آهن.

عَلَىٰ قُلُوبِ الَّذِينَ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٥٩﴾ فَاصْبِرْ إِنَّ وَعْدَ اللَّهِ حَقٌّ وَ

انهنجي دلين تي جيڪي نه ٿا ڄاڻن. پوءِ صبر ڪر بيشڪ وعدو الله جو حق آهي ۽

تن جي دلين تي الله مهر هڻندو آهي. پوءِ (اي پيغمبرا) صبر ڪر چو ته الله جو وعدو سچو آهي ۽

لَا يَسْتَخِفَّنَّكَ الَّذِينَ لَا يُوقِنُونَ ﴿٦٠﴾ ع

نه هلڪو ڪن توکي اهي ماڻهو جيڪي نه ٿا يقين ڪن.

جيڪي يقين نه رکندا آهن، سي توکي هلڪو نه سمجهن.

سُورَةُ لُقْمَانَ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ — آيَاتُهَا ٣٤ رُكُوعَاتُهَا ٤

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الٓمٓ ﴿١﴾ تِلْكَ آيَاتُ الْكِتَابِ الْحَكِيمِ ﴿٢﴾ هُدًى وَرَحْمَةً لِّلْمُحْسِنِينَ ﴿٣﴾

الم. هي آيتون آهن قرآن حڪيم جون. هدايت ۽ رحمت ڀلارن لاءِ.

الم هي آيتون حڪمت واري ڪتاب جون آهن. (جو) هدايت ۽ ٻاجهه آهن ڀلارن لاءِ آهي.

الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ
جيڪي قائم ڪن ٿا نماز ۽ ڏين ٿا زڪوات ۽
جيڪي نماز پڙهندا آهن ۽ زڪوات ڏيندا آهن ۽ اهي آخرت جو

هُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ ۝٤ اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنْ رَّبِّهِمْ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ
اهي آخرت تي يقين ٿا رکن. اهي آهن هدايت تي پنهنجي رب کان ۽ اهي ئي
ويساه (به) رکندا آهن. اهي پنهنجي پالڻهار جي سڌي رستي تي آهن ۽ اهي ئي ڇوٽڪاري وارا آهن.

الْمُفْلِحُوْنَ ۝٥ وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِيْ لَهْوَ الْحَدِيْثِ لِيُضِلَّ
ڪامياب آهن. ۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو به آهي جو خريد ڪري ٿو راند جون ڳالهيون جيئن گمراهه ڪري
۽ ماڻهن مان ڪو (اهڙو) آهي جو بيهوديءَ ڳالهه کي گهنندو آهي ته (ماڻهن کي)

عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۖ وَّيَتَّخِذَهَا هُزُوًا ۭ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ
الله جي راهه کان بنا سمجهه ۽ بڻائي ٿو ان کي مسخري، انهن لاءِ آهي
اڻڄاڻائيءَ سان الله جي واٽ کان ڀُلائي ۽ ان (واٽ) کي ٺٺولي ڪري وٺي، انهن لاءِ ئي خواريءَ وارو

عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ۝٦ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا وَلّٰى مُسْتَكْبِرًا كَاَنْ
عذاب ذليل ڪندڙ. ۽ جڏهن پڙهجن ٿيون مٿس آيتون اسانجون پٺي ڏئي ٿو مغرور ٿي ڄڻ
عذاب آهي. ۽ جڏهن اسان جون آيتون ڪيس پڙهي ٻڌائبيون آهن، (تڏهن) هيلو ٿي منهن ڦيرائيندو آهي، ڄڻڪ

لَّمْ يَسْمَعْهَا كَاَنَّ فِيْٓ اُذُنَيْهِ وَقْرًا ۚ فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ۝٧
نه ٻڌائين انهن کي ڄڻ ته ان جي ڪنن ۾ پوڙاڻ آهي، پوءِ خبر ڏي انهي کي عذاب دردناڪ جي.
انهن کي ٻڌوئي نه هئائين، ڄڻڪ سندس ٻنهي ڪنن ۾ گهٻرائي آهي، تنهن ڪري ڪيس ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ جَنّٰتُ النَّعِيْمِ ۝٨ خٰلِدِيْنَ
بيشڪ جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا تن لاءِ آهن باغ نعمت وارا. هميشه رهندا
بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ نعمت وارا باغ آهن. منجهن سدائين رهڻ وارا آهن

فِيْهَا ۭ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ۭ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝٩ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ
انهن ۾ وعدو الله جو سچو آهي، ۽ اهو زبردست حڪمت وارو آهي. ڻاهيائين آسمانن کي
(اهو) الله جو پڪو انجام ڏنل آهي ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي. آسمانن کي ري ٿنڀن بڻايائين.

بِغَيْرِ عَمَدٍ تَرَوْنَهَا وَاَلْقٰى فِي الْاَرْضِ رَوَاسِيَ اَنْ تَمِيْدَ بِكُمْ
بنا ٿنڀ جي جو توهان ڏسوان کي ۽ وڌائين زمين ۾ جبل متان لوڏي توهان کي
جو ڪين ڏسو ٿا ۽ زمين ۾ جبل وڌائين ته متان اوهان کي ڏوڏي

وَبَثَّ فِيْهَا مِنْ كُلِّ دَآبَّةٍ ؕ وَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَنْۢبَتْنَا

۽ پکيڙيائين ان ۾ هر قسم جا جانور، ۽ لاٿوسون آسمان مان پاڻي پوءِ ڦٽايون اسان

۽ منجهس هر جنس جا جانور پکيڙيائين ۽ آسمان کان پاڻي وسايوسون، پوءِ

فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍ كَرِيْمٍ ﴿١٠﴾ هٰذَا خَلْقُ اللّٰهِ فَاَرُوْنِيْ مَاذَا خَلَقَ

ان ۾ هر قسم جون جنسون چڱيون. هي آهي پيدا ڪرڻ الله جو پوءِ ڏيکاريو مونکي ڇا پيدا ڪيو آهي

منجهس سڀ هر جنس جا اوڙ ڄمايا سون. اها الله جي بڻاوت آهي. پوءِ مون کي ڏيکاريو تہ جيڪي اُن (الله) کان سواءِ

الَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖ ؕ بَلِ الظّٰلِمُوْنَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿١١﴾ ع وَلَقَدْ

ٻين انهي کان سواءِ؟ پر ظالم گمراهي پڌري ۾ آهن. ۽ بيشڪ

(ٻيا) آهن، تن ڇا بڻايو آهي؟ بلڪ ظالم پڌريءَ ڀُل ۾ آهن. ۽ بيشڪ لقمان کي

اٰتَيْنَا لُقْمٰنَ الْحِكْمَةَ اَنِ اشْكُرْ لِلّٰهِ ؕ وَمَنْ يَّشْكُرْ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ

ڏني سون لقمان کي دانائي تہ شڪر ڪر الله جو، ۽ جيڪو شڪر ڪندو پوءِ رڳو شڪر ڪري ٿو

حڪمت ڏني سون (چيوسون) تہ الله جو شڪر ڪر ۽ جيڪو شڪر ڪندو سو رڳو پنهنجي جيءَ (جي نفعي) لاءِ شڪر ڪندو

لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ﴿١٢﴾ وَاِذْ قَالَ لُقْمٰنُ لِابْنِهٖ

پنهنجي لاءِ، ۽ جيڪو انڪار ڪندو تہ الله بي پرواهہ آهي ساراهيل آهي. ۽ جڏهن چيو لقمان پنهنجي پٽ کي

۽ جيڪو بي شڪري ڪندو تہ بيشڪ الله بي پرواهہ ساراهيل آهي. ۽ (ياد ڪر) جڏهن لقمان پنهنجي پٽ کي چيو

وَهُوَ يَعِظُهٗ يٰبُنَيَّ لَا تُشْرِكْ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّ الشِّرْكَ لَظُلْمٌ عَظِيْمٌ ﴿١٣﴾

۽ اهو سمجهائي پيو ان کي اي پٽڙا نہ شريڪ ڪر الله سان، بيشڪ شرڪ ظلم آهي وڏو.

۽ انهيءَ کيس سمجهايو ٿي تہ اي منهنجا پٽڙا! الله سان (ڪنهن کي) شريڪ نہ ڪرا ڇو تہ شرڪ وڏي بي انصافي آهي.

وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ ۚ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ وَهْنًا عَلٰى وَهْنٍ وَّ

۽ پارت ڪئي سون انسان کي سندس ماءُ پيءُ لاءِ کنيو پيٽ ۾ ان کي سندس ماءُ تڪليف سان تڪليف تي ۽

۽ ماڻهوءَ کي سندس ماءُ پيءُ بابت حڪم ڪيوسون جو ماڻس تڪليف جي مٿان تڪليف سهي کيس (پنهنجي پيٽ ۾) کنيو ۽ ٻن ورهين

فِصٰلُهٗ فِيْ عَامَيْنِ اَنِ اشْكُرْ لِيْ وَلِوَالِدَيْكَ ؕ اِلَيَّ الْمَصِيْرُ ﴿١٤﴾ وَ

ٿڃ ڇڏائڻ ان جي ٻن سالن ۾ تہ شڪر ڪر منهنجو ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ جو، مون ڏانهن ئي موٽڻو اٿو. ۽

۾ سندس (ٿڃ جو) ڇڏائڻ آهي (حڪم جو مطلب هي آهي) تہ منهنجو ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ جو شڪرانو ڪر (جو آخر) مون ڏانهن (ئي) موٽڻ آهي. ۽

اِنْ جَاهَدٰكَ عَلٰٓى اَنْ تُشْرِكَ بِيْ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ۙ فَلَا تُطِعْهُمَا

جيڪڏهن جهيڙو ڪن توسان هن لاءِ تہ شريڪ ڪرين مون سان جو ناهي توکي ان جو علم پوءِ نہ وٽ چيو انهن جو

جيڪڏهن (اهي) مون سان (ڪنهن کي) شريڪ ڪرڻ لاءِ توکي مجبور ڪن، جنهن جي توکي ڪا ڄاڻپ نہ آهي تہ سندن (انهيءَ ڳالهہ جي) فرمانبرداري

وَصَاحِبْهُمَا فِي الدُّنْيَا مَعْرُوْفًا ز وَّاتَّبِعْ سَبِيْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَيَّ ج

۽ هل انهن ٻنهي سان دنيا ۾ ادب سان ۽ هل رستو انهي جو جنهن منهن ڪيو مون ڏانهن،

نہ ڪر ۽ دنيا ۾ ساڻن چڱيءَ ريت سنگت ڪر ۽ جنهن مون ڏانهن موٽ ڪئي هجي، تنهن جي واٽ جي تابعداري ڪر وري اوهان جو مون

ثُمَّ اِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٥﴾ يٰبُنَيَّ اِنَّهَآ

پوءِ مون ڏانهن ٿي موٽڻ آهي توهانجو پوءِ ٻڌائيندس توهان کي اهو جو ڪندا هيؤ. اي پٽڙا جيڪڏهن

ڏانهن ورڻ آهي، پوءِ جيڪي ڪندا هيؤ، تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏيندس. (لقمان هيءَ بہ چيو تہ) اي منهنجا پٽڙا! ڪابہ (شيءِ)

اِنْ تَكُ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ فَتَكُنْ فِيْ صَخْرَةٍ اَوْ

هجي وزن داڻي سرنهن جو پوءِ اهو هجي پٿر ۾ يا

جيڪڏهن آهر جي داڻي جيتري آهي، پوءِ اها ڪنهن پهڻ ۾ هجي يا آسمانن ۾

فِي السَّمٰوٰتِ اَوْ فِي الْاَرْضِ يَاْتِ بِهَا اللّٰهُ ط اِنَّ اللّٰهَ لَطِيْفٌ خَبِيْرٌ ﴿١٦﴾

آسمانن ۾ يا ڌرتي ۾ تہ حاضر ڪندو ان کي الله، بيشڪ الله جهونجار خبردار آهي.

يا زمين ۾ (هجي) تہ (بہ) الله ان کي آڻي حاضر ڪندو. ڇو تہ الله باريڪ بين خبر رکندڙ آهي.

يٰبُنَيَّ اَقِمِ الصَّلٰوةَ وَاْمُرْ بِالْمَعْرُوْفِ وَانْهَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَاصْبِرْ

اي پٽڙا قائم ڪر نماز ۽ چؤ چڱائي ۽ روڪ برائي کان ۽ سهہ

اي منهنجا پٽڙا! نماز پڙهہ ۽ چڱي ڪم جو حڪم ڪر ۽ مدي (ڪم) کان منع ڪر ۽

عَلٰى مَآ اَصَابَكَ ط اِنَّ ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ﴿١٧﴾ ج وَلَا تُصَعِّرْ خَدَّكَ

جا تڪليف پهچي توکي، بيشڪ اهو ضروري ڪمن مان آهي. ۽ نہ موڙ ڳل پنهنجو

توکي جيڪا تڪليف پهچي، تنهن تي صبر ڪر، ڇو تہ اهي (ڪم) هدايت وارن ڪمن مان آهن. ۽ ماڻهن لاءِ پنهنجو ڳل

لِلنَّاسِ وَلَا تَمْشِ فِي الْاَرْضِ مَرَحًا ط اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ

ماڻهن کان ۽ نہ هل زمين تي آڪڙ سان، بيشڪ الله نہ ٿو پسند ڪري ڪنهن بہ

(يعني منهن) ڦيرو نہ ڪر ۽ زمين ۾ لاڏ سان نہ گهم، ڇو تہ الله سڀ ڪنهن هٺيلي وڏائيءَ

مُخْتَالٍ فَخُوْرٍ ﴿١٨﴾ ج وَاقْصِدْ فِيْ مَشْيِكَ وَاغْضُضْ مِنْ صَوْتِكَ ط

ٽلندڙ وڏائي ڪندڙ کي. ۽ وچٿرو ٿيءُ پنهنجي هلڻ ۾ ۽ گهٽاءِ پنهنجي آواز کي،

ڪندڙ کي دوست نہ رکندو آهي. ۽ پنهنجي گهمڻ ۾ وچولي چال هل ۽ پنهنجو آواز ڍرو ڪر.

اِنَّ اَنْكَرَ الْاَصْوَاتِ لَصَوْتُ الْحَمِيْرِ ﴿١٩﴾ ع اَلَمْ تَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ سَخَّرَ لَكُمْ ع ٢ ٨ ١١

بيشڪ زور بڇڙو آوازن مان البت آواز گڏه جو آهي. ڇا نہ ڏٺو توهان بيشڪ الله ڪم لاتائين توهان لاءِ

ڇو تہ آوازن مان بڇڙو (آواز) گڏهہ جي هينگ آهي. نہ ڏٺو اٿوَ ڇا تہ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي

مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ وَاَسْبَغَ عَلَيْكُمْ نِعَمَهٗ ظَاهِرَةً وَّ

جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي ۽ پوريون ڪيائين توهان تي نعمتون پنهنجون ظاهري ۽

سو اوهان کي تابع ڪري ڏنو آهي ۽ پنهنجون پڌريون ۽ ڳجهيون نعمتون اوهان تي پريور ڪيائين؟ ۽

بَاطِنَةً ۗ وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّجَادِلُ فِي اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّلَا هُدًى

باطني، ۽ ڪي ماڻهو آهن جي جهڳڙو ڪن ٿا الله جي باري ۾ نـ سمجھ ۽ نـ هدايت

ماڻهن مان ڪي (اهڙا) آهن جو اڻ ڄاڻائيءَ سان ۽ بنا هدايت ۽ روشن ڪتاب هجڻ کان سواءِ الله بابت جهڳڙو ڪندا آهن.

وَّلَا كِتٰبٍ مُّنِيْرٍ ﴿٢٠﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا بَلْ نَتَّبِعُ

۽ نـ ڪو ڪتاب روشن. ۽ جڏهن چئجي انهن کي هلو ان حڪم تي جيڪي لاٿو الله چون ٿا نـ ڪو اسان هلنداسون

۽ جڏهن کين چئبو آهي تـ جيڪي الله نازل ڪيو تنهن جي تابعداري ڪريو (تڏهن چوندا آهن تـ نـ!) بلڪ اسان

مَا وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ۗ اَوَلَوْ كَانَ الشَّيْطٰنُ يَدْعُوْهُمْ اِلٰى عَذَابِ

ان تي لڌوسون جنهن تي ابن ڏاڏن پنهنجن کي ڇا جيتوڻيڪ شيطان سڏيندو رهي انهن کي دوزخ جي عذاب

جنهن تي پنهنجا پيءُ ڏاڏا (هلندا) ڏٺا، تنهن جي تابعداري ڪنداسون. توڻيڪ شيطان دوزخ جي عذاب ڏانهن کين سڏي ٿو تـ بـ

السَّعِيْرِ ﴿٢١﴾ وَمَنْ يُّسْلِمْ وَجْهَهٗٓ اِلَى اللّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ

ڏانهن ۽ جنهن ڪيو منهن پنهنجو الله ڏانهن ۽ اهو چڱائي ڪندڙ آهي تـ بيشڪ اهو چنبڙيو

(ان جي پيروي ڪندا ڇا؟). ۽ جنهن پنهنجي مهاڙ الله ڏانهن ڪئي ۽ اهو چڱن ڪمن ڪرڻ وارو آهي، تنهن بيشڪ

بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ۗ وَاِلَى اللّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ﴿٢٢﴾ وَمَنْ كَفَرَ فَلَا يَحْزُنْكَ

ڪڙيءَ مضبوط سان، ۽ الله جي طرف آهي پڇاڙي هر ڪم جي. ۽ جنهن ڪفر ڪيو پوءِ نـ ڏکوئي توکي

مضبوط ڪڙي کي پڪڙيو ۽ (سڀني) ڪمن جي پڇاڙي الله ڏانهن آهي. ۽ جيڪو ڪفر ڪري تنهن جو ڪفر توکي غمگين نـ ڪري.

كُفْرُهٗ ۗ اِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ فَنُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا ۗ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ

ڪفران جو، اسان ڏي آهي موٽڻ انهن جو پوءِ ٻڌائينداسون کين جيڪي ڪيائون، بيشڪ الله ڄاڻندڙ آهي راز

کين اسان ڏانهن ورڻو آهي، پوءِ جيڪو ڪيائون تنهن جي کين سُڌ ڏينداسون. ڇو تـ الله سينن وارو (ڳجھ) ڄاڻندڙ آهي.

الصُّدُوْرِ ﴿٢٣﴾ نُمَتِّعُهُمْ قَلِيْلًا ثُمَّ نَضْطَرُّهُمْ اِلٰى عَذَابٍ غَلِيْظٍ ﴿٢٤﴾

سينن جي ڪي، لطف ڏينداسون انهن کي ٿورو پوءِ آڙائينداسون انهن کي عذاب سخت ۾.

(دنيا ۾) کين ٿورو (وقت) آسودو ڪريون ٿا، وري کين سخت عذاب ڏانهن ڇڪي نينداسون.

وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ۗ قُلِ

۽ جيڪڏهن پڇندين انهن کان تـ ڪنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي تـ ضرور چوندا الله، چؤ

۽ جيڪڏهن کانئن پڇندين تـ آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن بڻايو آهي؟ تـ ضرور چوندا تـ الله! چئو تـ

الْحَمْدُ لِلّٰهِ ۭ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٥﴾ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ
سڀ ساراهه الله جي آهي، پر گهڻا ماڻهو نه ٿا ڄاڻن. الله جو ئي آهي جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي،
سڀ ساراه خاص الله کي جڳائي، بلڪ منجهانئن گهڻا نه ڄاڻندا آهن. جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو الله جو ئي آهي.

اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿٢٦﴾ وَلَوْ اَنَّ مَا فِي الْاَرْضِ مِنْ شَجَرَةٍ اَقْلَامٌ
بيشڪ الله ئي بي پرواهه آهي ساراهيل آهي. بيشڪ جيڪي به زمين ۾ آهن وڻ جيڪڏهن ٿين قلم
بيشڪ الله ئي بيپرواهه ڏاڍو ساراهيل آهي. ۽ جيڪي وڻ زمين ۾ آهن، سي جيڪڏهن قلم ٿين

وَّالْبَحْرُ يَمُدُّهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖ سَبْعَةُ اَبْحُرٍ مَّا نَفِدَتْ كَلِمٰتُ اللّٰهِ ۭ اِنَّ
۽ سمنڊ ٿئي مس ان جي ان کان پوءِ (پيا) ست سمنڊ نه کٽنديون ڳالهيون الله جون، بيشڪ
۽ سمنڊ (جو پاڻي) اُن جي مَس ٿئي ان کان پوءِ ست سمنڊ (پيا به) هجن ته الله (جي قدرت) جون ڳالهيون نه کٽنديون، ڇو ته

اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٧﴾ مَا خَلْقُكُمْ وَلَا بَعْثُكُمْ اِلَّا كَنَفْسٍ وَّاحِدَةٍ ۭ اِنَّ
الله زبردست حڪيم آهي. ناهي پيدا ڪرڻ توهان جو ۽ نڪي ورِي جيارڻ توهان جو مگر جيئن جند هڪڙي، بيشڪ
الله غالب حڪمت وارو آهي. اوهان (سڀني) جو خلقڻ ۽ اوهان جو وري جيارڻ رڳو هڪڙي ماڻهو (جي خلقڻ ۽ وري جيارڻ) جهڙو آهي. بيشڪ

اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ﴿٢٨﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ
الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. ڇا نه ڏٺو تو ته الله وجهي ٿو رات کي ڏينهن ۾ ۽ وجهي ٿو ڏينهن کي
الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. نه ڏٺو اٿيئي ڇا؟ ته الله رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪندو آهي ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل

فِي الَّيْلِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ز كُلٌّ يَّجْرِيْٓ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّ
رات ۾ ۽ ڪم ۾ لڳايائين سج ۽ چنڊ کي سڀئي هلن ٿا وقت مقرر تائين ۽
ڪندو آهي، ۽ سج ۽ چنڊ کي نوايائين، سڀڪو مقرر مدت تائين هلندو آهي ۽ (نه ڏٺو اٿيئي ڇا)

اَنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿٢٩﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَاَنَّ مَا
يقينن الله توهان جي عملن جي خبر رکندڙ آهي. اهو هن ڪري ته الله ئي سچ آهي ۽ بيشڪ جنڪي
ته جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي. اِهي (ڪم) هن ڪري آهن ته الله ئي برحق آهي ۽ بيشڪ

يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهِ الْبَاطِلُ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ ﴿٣٠﴾ ع اَلَمْ تَرَ
سڏين ٿا انهيءَ کان سواءِ ڪوڙ آهي ۽ بيشڪ الله ئي مٿانهون تمام وڏو آهي. ڇا نه ڏٺءِ
ان کان سواءِ جنهن (شيءِ) کي سڏيندا آهن سو ڪوڙ آهي ۽ بيشڪ الله ئي تمام مٿاهون وڏو آهي. نه ڏٺو اٿيئي ڇا؟

اَنَّ الْفُلْكَ تَجْرِيْ فِي الْبَحْرِ بِنِعْمَتِ اللّٰهِ لِيُرِيَكُمْ مِّنْ اٰيٰتِهٖ ۭ اِنَّ
ته ٻيڙيون هلن ٿيون سمنڊ ۾ الله جي فضل سان جيئن ڏيکاري توهان کي ڪي پنهنجون نشانيون، يقينن
ته ٻيڙيون الله جي ئي فضل سان سمنڊ ۾ ترنديون آهن (هن لاءِ) ته (الله) اوهان کي پنهنجين نشانين مان ڏيکاري، بيشڪ هن ۾

فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿٣١﴾ وَاِذَا غَشِيَهُمْ مَّوْجٌ كَالظُّلَلِ دَعَوُا

انهي ۾ نشانيون آهن هر صبر ڪندڙ شڪر ڪندڙ لاءِ. ۽ جڏهن ڍڪين ٿيون انهن کي ڇوليون جھڙا ڪڪر ته پڪارين ٿا

سيڪنهن وڏي صابر شاڪر لاءِ نشانيون آهن. ۽ جڏهن کين (درياءَ جي) لهر ڇانوَ ڪندڙ ڪڪرن وانگر ويڙهيندي آهي (تڏهن)

اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۚ فَلَمَّا نَجّٰىهُمْ اِلَى الْبَرِّ فَمِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ ؕ وَمَا

الله کي نجي ڪندڙ ان لاءِ بندگي، پوءِ جڏهن بچائي آڻي ٿو انهن کي سڪيءَ ڏانهن پوءِ ڪي انهن مان وچٿرا هلن ٿا، ۽ نه ٿو

خاص الله کي نِلو ڏانهنس مهاڙ ڪري سڏيندا آهن، پوءِ جنهن مهل کين پَر ڏانهن بچائي پهچائيندو آهي (تنهن مهل) منجهائن ڪي وچٿرا هوندا آهن

يَجْحَدُ بِاٰيٰتِنَآ اِلَّا كُلُّ خَتَّارٍ كَفُوْرٍ ﴿٣٢﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ وَاخْشَوْا

انڪار ڪري اسان جي آيتن جو مگر هر غدار بي شناس. اي انسانو! خوف ڪريو پنهنجي رب جو ۽ ڊڄو

۽ سيڪنهن دغاباز بي شڪر کان سواءِ ٻيو ڪوبه اسان جي آيتن جو انڪار نه ڪندو آهي. اي انسانو! پنهنجي پالڻهار کان ڊڄو ۽ اُن ڏينهن کان (به) ڊڄو

يَوْمًا لَّا يَجْزِيْ وَالِدٌ عَنْ وَّلَدِهٖ ۫ وَلَا مَوْلُوْدٌ هُوَ جَازٍ عَنْ وَّالِدِهٖ

انهي ڏينهن کان جو نه ٿو ڪم اچي پيءُ پنهنجي پٽ کي، ۽ نه پٽ ڪم ايندو پنهنجي پيءُ کي

جنهن ۾ ڪو پيءُ پنهنجي پُٽ جي پورائي نه ڪندو ۽ نه ڪو پٽ پنهنجي پيءُ جي ڪجهه به پورائي ڪندڙ هوندو.

شَيْـًٔا ؕ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۥ وقفة وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ

ڪجهه به، بيشڪ وعدو الله جو سچو آهي پوءِ نه ٺوڪوڏئي توهان کي دنيا جي حياتي، ۽ نه ٺوڪوڏئي توهان کي

بيشڪ الله جو وعدو سچو آهي، تنهن ڪري نڪي اوهان کي دنيا جي حياتي ٺڳي ۽ نڪي اوهان کي

بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ﴿٣٣﴾ اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ ۚ وَيُنَزِّلُ

الله جي نالي سان ٺوڪيباز. بيشڪ الله وٽ آهي خبر قيامت جي، ۽ اهو وسائي ٿو

الله بابت ٺڳيندڙ (شيطان) ٺڳي. بيشڪ قيامت جي خبر الله وٽ ئي آهي

الْغَيْثَ ۚ وَيَعْلَمُ مَا فِي الْاَرْحَامِ ؕ وَمَا تَدْرِيْ نَفْسٌ مَّاذَا

مينهن کي، ۽ ڄاڻي ٿو جيڪي ماءُ جي پيٽ ۾ آهي، ۽ نه ٿو سمجهي ڪوئي شخص ته ڇا

۽ (اهو ئي) مينهن وسائيندو آهي ۽ جيڪي ڳڀڻين ۾ آهي، سو (به) ڄاڻندو آهي ۽ ڪو ئي جيءُ نه

تَكْسِبُ غَدًا ؕ وَمَا تَدْرِيْ نَفْسٌۢ بِاَيِّ اَرْضٍ تَمُوْتُ ؕ

ڪندو سڀاڻي، ۽ نه ٿو سمجهي ڪوئي شخص ته ڪهڙي ملڪ ۾ مرندو.

ڄاڻندو آهي ته (پاڻ) سڀاڻي ڇا ڪندو ۽ ڪو به جيءُ نه ڄاڻندو آهي ته (پاڻ) ڪهڙيءَ زمين تي مرندو،

اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ ﴿٣٤﴾ ع

يقينن الله سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ خبر رکندڙ آهي.

بيشڪ الله ڄاڻندڙ خبر رکندڙ آهي.

سُوْرَةُ السَّجْدَةِ مَكِّيَّةٌ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝ اٰيَاتُهَا ٣٠ رُكُوْعَاتُهَا ٣

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الٓمّٓ ﴿١﴾ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ لَا رَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ

الم. نازل ڪرڻ قرآن جو ناهي ڪو شڪ ان ۾ رب العالمين جي طرفان آهي. ڇا چون ٿا ته ٺاهي

الم. (هن) ڪتاب جو لاهڻ، منجهس ڪو شڪ ڪونهي (جو) جهانن جي پالڻهار وٽان آهي. چوندا آهن ڇا

افْتَرٰىهُ ۚ بَلْ هُوَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اَتٰىهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ

ٺاهيو اٿس انکي، ائين ناهي اهو ثابت آهي تنهنجي رب طرفان جيئن ڊيڄارين تون انهن ماڻهن کي جو نه آيو انهن ڏي ڪو ڊيڄاريندڙ

ته ان (قرآن) کي پاڻ ٺاهيو اٿس؟ (نه!) بلڪ اهو تنهنجي پالڻهار وٽان سچو (آيل) آهي (هن لاءِ) ته انهيءَ قوم کي ڊيڄارين جن وٽ توکان اڳ

مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَهْتَدُوْنَ ﴿٣﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ

توکان اڳ ۾ من اهي اچن راهه تي. الله ئي آهي جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽

ڪو ڊيڄاريندڙ نه آيو آهي ته مَنَ اهي هدايت لهن. الله اهو آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ۽

الْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ؕ

زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي ڇهن ڏينهن ۾ پوءِ قائم رهيو عرش تي،

جيڪي سندس وچ ۾ آهي، سو ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو، وري عرش تي قائم ٿيو.

مَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا شَفِيْعٍ ؕ اَفَلَا تَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٤﴾ يُدَبِّرُ

ناهي اوهان لاءِ ان کان سواءِ ڪوئي ويجهڙو ۽ نه مددگار، ڇا پوءِ نه ٿا ڌيان ڪريو. اهو هلائي ٿو

ان کان سواءِ اوهان لاءِ نڪي ڪو سڄڻ ۽ نڪي ڪو پارت ڪندڙ آهي، پوءِ نصيحت نه ٿا وٺو ڇا؟

الْاَمْرَ مِنَ السَّمَآءِ اِلَى الْاَرْضِ ثُمَّ يَعْرُجُ اِلَيْهِ فِيْ يَوْمٍ كَانَ

حڪم کي آسمان کان زمين تائين وري اهو چڙهي ٿو انهي ڏانهن هڪ ڏينهن ۾ جنهن

آسمان کان زمين ڏانهن هر ڪم جي رٿا ڪندو آهي، وري (اها تدبير) ان ڏينهن ۾ ڏانهس مٿي ويندي آهي، جنهن ڏينهن

مِقْدَارُهٗٓ اَلْفَ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ ﴿٥﴾ ذٰلِكَ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ

جو انداز هزار سال آهي توهان جي ڳڻپ ۾. اهو ڄاڻندڙ آهي ڳجهه جو ۽ ظاهر جو

جو اندازو هزار ورهيه جيترو انهيءَ (ليکي) مان آهي، جو ڳڻيندا آهيو. اِها (سندس وصف) آهي، جو ڳجهه ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ

الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿٦﴾ الَّذِيْٓ اَحْسَنَ كُلَّ شَيْءٍ خَلَقَهٗ وَبَدَاَ خَلْقَ

زبردست آهي رحم وارو آهي. اهو جنهن سُلي ٺاهي هر شيءِ جا پيدا ڪيائين ۽ شروع ڪيائين بناوت

غالب مهربان آهي. جنهن جيڪا شيءِ پيدا ڪئي سا سڀڪا چڱيءَ طرح بڻائي ۽ ماڻهن جي پيدائش کي

الْاِنْسَانِ مِنْ طِيْنٍ ۚ ﴿٧﴾ ثُمَّ جَعَلَ نَسْلَهٗ مِنْ سُلٰلَةٍ مِّنْ مَّآءٍ مَّهِيْنٍ ۚ ﴿٨﴾

انسان جي متيءَ مان. پوءِ ٺاهيائين اولاد ان جي جوهر پاڻي ڪمزور جي مان.

گاري مان (ٺٺون) شروع ڪيائين. وري سندس اولاد حقير پاڻيءَ جي نچوڙ مان بڻايائين. وري ڪيس

ثُمَّ سَوّٰىهُ وَنَفَخَ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِهٖ وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ

پوءِ تيار ڪيائين ان کي ۽ ڦوڪيائين ان ۾ سندس ساهه ۽ ٺاهيائين توهان لاءِ ڪن ۽ اکيون

سنئين لڱين ڪيائين ۽ منجهس پنهنجو روح ڦوڪيائين ۽ اوهان لاءِ ڪَنَ ۽ اکيون ۽ دليون بڻايائين.

وَالْاَفْـِٕدَةَ ۭ قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ﴿٩﴾ وَقَالُوْٓا ءَاِذَا ضَلَلْنَا فِي الْاَرْضِ

۽ دليون. تمام ٿورو شڪر ٿا ڪريو. ۽ چيائون ڇا جڏهن گم ٿي ويندا سون زمين ۾

اوهين ٿورو شڪر ڪندا آهيو. ۽ چون ٿا تـ جڏهن زمين ۾ رُلي ملي وياسون (تڏهن بـ)

ءَاِنَّا لَفِيْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ ڛ بَلْ هُمْ بِلِقَاۗئِ رَبِّهِمْ كٰفِرُوْنَ ﴿١٠﴾ قُلْ

ڇا اسان ٿينداسون نئين پيدائش ۾. بلڪ اهي پنهنجي رب جي ملاقات جا انڪاري آهن. تون چؤ

اسين وري نئين سر بڻباسين ڇا؟ (نـ!) بلڪ اُهي پنهنجي پالڻهار جي ملڻ کان منڪر آهن. (اي پيغمبر! کين) چئو

يَتَوَفّٰىكُمْ مَّلَكُ الْمَوْتِ الَّذِيْ وُكِّلَ بِكُمْ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ تُرْجَعُوْنَ ﴿١١﴾ ع ١ ١١ ١٤

پورو ڪندو توهان کي ملڪ الموت جو مقرر ڪيو ويو. توهان تي پوءِ پنهنجي رب ڏانهن موٽايا ويندؤ.

تـ جيڪو موت جو ملائڪ اوهان تي مقرر ڪيل آهي سو اوهان جو روح ڪيندو وري پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽائبو.

وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ الْمُجْرِمُوْنَ نَاكِسُوْا رُءُوْسِهِمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۭ رَبَّنَآ اَبْصَرْنَا

۽ جيڪڏهن تون ڏسين ها جڏهن ڏوهاري جهڪائيندڙ هوندا سر پنهنجي رب وٽ، چوندا اي رب اسان جا ڏٺوسون

۽ (انهيءَ مهل) جيڪڏهن ڏسين جنهن مهل گنهگار پنهنجي پالڻهار جي سامهون پنهنجا ڪنڌ اونڌا ڪندڙ هوندا. (اهي گنهگار چوندا تـ) اي اسان

وَسَمِعْنَا فَارْجِعْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا اِنَّا مُوْقِنُوْنَ ﴿١٢﴾ وَلَوْ شِئْنَا لَاٰتَيْنَا

۽ ٻڌوسون پوءِ موٽاءِ اسان کي تـ عمل ڪريون چڱا اسين يقين ڪندڙ آهيون. ۽ جيڪڏهن چاهيون اسان تـ ڏيون

جا پالڻهار! ڏٺوسون ۽ ٻڌوسون! هاڻي اسان کي (دنيا ۾) موٽاءِ تـ چڱو ڪم ڪريون! بيشڪ اسين يقين ڪندڙ آهيون. ۽ جيڪڏهن گهرون ها

كُلَّ نَفْسٍ هُدٰىهَا وَلٰكِنْ حَقَّ الْقَوْلُ مِنِّيْ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ

هر شخص کي سندس هدايت پر ثابت آهي قول منهنجو تـ ضرور پريندس جهنم کي

تـ سڀڪنهن شخص کي هدايت ڪريون ها پر مون وٽان (هي) حڪم ٺهرائجي چڪو آهي تـ جنن ۽ ماڻهن (انهن ئي) مڙني مان

مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٣﴾ فَذُوْقُوْا بِمَا نَسِيْتُمْ لِقَاۗءَ يَوْمِكُمْ

جنن ۽ ماڻهن مان گڏي. پوءِ چکو جو وساريو اٿو ملاقات پنهنجي هن ڏينهن

دوزخ ضرور پريندس. پوءِ هن ڏينهن جي ملڻ کي جو وساريو هيوَ تنهن سببان (عذاب) چکو.

هٰذَا ج اِنَّا نَسِيْنٰكُمْ وَذُوْقُوْا عَذَابَ الْخُلْدِ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ⑭ اِنَّمَا

جي، اسان بہ وساريو توهان کي ۽ چکو عذاب هميشہ وارو عوض پنهنجي عملن جي. رڳو

بيشڪ اسان (بہ) اوهان کي وساريو ۽ جيڪي ڪندا هيو، تنهن سببان هميشگيءَ جو عذاب چکو.

يُؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا بِهَا خَرُّوْا سُجَّدًا وَّسَبَّحُوْا بِحَمْدِ

مڃين ٿا آيتون اسان جون اهي ئي جڏهن نصيحت ڪجين ٿي انهن سان تہ ڪرن ٿا سجدو ڪندي ۽ پاڪائي پڙهن ٿا پنهنجي رب

اسان جي آيتن تي رڳو اهي ايمان آڻيندا آهن جن کي انهن (آيتن) سان جڏهن نصيحت ڏبي آهي، تڏهن سجدو ڪندڙ ٿي ڪرندا آهن ۽ پنهنجي پالڻهار

رَبِّهِمْ وَهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ⑮ السجدة تَتَجَافٰى جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ السجدة ٩

جي تعريف سان ۽ اهي نہ ٿا وڏائي ڪن. قرار نہ ٿا وٺن پاسا انهن جا سمهڻ جي جاين کان

جي پاڪائي ساراه سان بيان ڪندا آهن ۽ اهي وڏائي نہ ڪندا آهن. سندن پاسا سمهڻ جي هنڌ کان الڳ ٿي

يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ خَوْفًا وَّطَمَعًا ز وَّمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ⑯ فَلَا تَعْلَمُ

سڏين ٿا پنهنجي رب کي خوف ۽ لالچ سان، ۽ اسان جي ڏني مان خرچ ڪن ٿا. پوءِ نہ ٿو ڄاڻي ڪوئي

پنهنجي پالڻهار کي خوف ۽ اميد سان سڏيندا آهن ۽ جيڪا کين روزي ڏني سون، تنهن مان خرچيندا آهن. پوءِ جيڪو اکين جو ٺار

نَفْسٌ مَّآ اُخْفِیَ لَهُمْ مِّنْ قُرَّةِ اَعْيُنٍ ج جَزَآءً م بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ⑰

شخص جيڪي لڪايو ويو آهي انهن لاءِ ٺار اکين جو، عوض سندس عملن جي.

انهن لاءِ لڪايو ويو آهي، سو ڪو جيءُ نہ ڄاڻندو آهي، اهو بدلو هنن جيڪي ڪمايو هو تنهن سبب آهي.

اَفَمَنْ كَانَ مُؤْمِنًا كَمَنْ كَانَ فَاسِقًا ط لَا يَسْتَوٗنَ ⑱ اَمَّا الَّذِيْنَ وقف غفران

ڇا پوءِ جيڪو آهي ايماندار ان جهڙو آهي ڏوهاري، نہ برابر ٿيندا. پر اهي جن

جيڪو مومن آهي سو بدڪار جي برابر آهي ڇا؟ (اهي ٻئي ڪڏهن) برابر نہ ٿيندا. جن ايمان آندو

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمْ جَنّٰتُ الْمَاْوٰى ز نُزُلًا م بِمَا

ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا پوءِ انهن لاءِ باغ رهڻ لاءِ آهن، مهماني طور انهي ڪري

۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ بهشت (جا باغ) مهمانيءَ طور رهڻ جو هنڌ آهي، ان ڪري جو (چڱا) ڪم ڪندا رهيا.

كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ⑲ وَاَمَّا الَّذِيْنَ فَسَقُوْا فَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ ط كُلَّمَآ اَرَادُوْٓا اَنْ

جو عمل ڪندا هئا پر اهي جن گناهہ ڪيا پوءِ جاءِ انهن جي باهہ آهي، جڏهن ارادو ڪندا نڪرڻ

پر جن بڇڙائي ڪئي تن جي رهڻ جو هنڌ دوزخ آهي، جنهن مهل منجهانئس نڪرڻ جو ارادو ڪندا،

يَّخْرُجُوْا مِنْهَآ اُعِيْدُوْا فِيْهَا وَقِيْلَ لَهُمْ ذُوْقُوْا عَذَابَ النَّارِ الَّذِیْ

جو ان مان تہ موٽايا ويندا ان ۾ ۽ چيو ويندو انهن کي چکو عذاب باهہ جو جنهن کي

(تنهن مهل) منجهس ورائي (پيا) وڃهبا ۽ کين چئبو تہ ان باهہ جو عذاب چکو جنهن کي

كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ﴿٢٠﴾ وَلَنُذِيْقَنَّهُمْ مِّنَ الْعَذَابِ الْاَدْنٰى دُوْنَ

توهان ڪوڙو چوندا هئا. ۽ ضرور چکائينداسون انهن کي عذاب ننڍو اڳي

اوهين ڪوڙو پائيندا هيو. ۽ ڪين وڏي عذاب کان سواءِ هلڪي سزا (دنيا ۾ به) ضرور چکائينداسون ته من اهي

الْعَذَابِ الْاَكْبَرِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٢١﴾ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ

عذاب وڏي کان ته جيئن موٽن. ۽ ڪير وڌو ظالم آهي ان کان جنهنکي ڀڌايون وڃن آيتون

(سڌيءَ واٽ ڏانهن) ورن. ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟ جنهن کي سندس پالڻهار جي آيتن سان نصيحت ڏجي

رَبِّهٖ ثُمَّ اَعْرَضَ عَنْهَا ؕ اِنَّا مِنَ الْمُجْرِمِيْنَ مُنْتَقِمُوْنَ ﴿٢٢﴾ وَلَقَدْ ع

سندس رب جون پوءِ منهن موڙي انهن کان. بيشڪ اسان ڏوهارين کان بدلو وٺندڙ آهيون. ۽ تحقيق

ته وري انهن کان منهن موڙي. بيشڪ اسين ڏوهارين کان بدلو وٺندڙ آهيون. ۽ بيشڪ

اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ فَلَا تَكُنْ فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْ لِّقَآئِهٖ وَجَعَلْنٰهُ

ڏنوسون موسيٰ کي ڪتاب پوءِ تون نه هج شبهي ۾ قرآن جي ملڻ کان ۽ ڪيوسون ان کي

موسيٰ کي ڪتاب ڏنوسون، پوءِ تون ان (قرآن) جي ملڻ کان شڪ ۾ نه ٿيءُ ۽ ان (موسيٰ) کي

هُدًى لِّبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿٢٣﴾ وَجَعَلْنَا مِنْهُمْ اَئِمَّةً يَّهْدُوْنَ بِاَمْرِنَا

هادي بني اسرائيل جو. ۽ ڪياسون انهن مان اڳواڻ جيڪي هدايت ڪندا هئا اسانجي حڪم سان

بني اسرائيلن لاءِ هدايت بڻايوسون. ۽ منجهائن پيشوا ڪيا (هيا) سون جي اسان جي حڪم سان سڌو رستو ڏيکاريندا هئا.

لَمَّا صَبَرُوْا ؕ۟ وَكَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يُوْقِنُوْنَ ﴿٢٤﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ يَفْصِلُ بَيْنَهُمْ

جڏهن سختيون سٺائون، ۽ اسان جي آيتن تي يقين رکندا هئا. بيشڪ تنهنجو رب ئي فيصلو ڪندو انهن جي وچ ۾

جڏهن جو (اهي ڏکن تي) صبر ڪندا رهيا ۽ (اهي) اسان جي آيتن تي يقين رکندا هئا. بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي قيامت جي ڏينهن سندن وچ ۾

يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿٢٥﴾ اَوَلَمْ يَهْدِ لَهُمْ كَمْ

قيامت ڏينهن جنهن ۾ جو اهي اختلاف ڪندا هئا. ڇا نه سمجهه آئي انهن کي ته اسان

انهيءَ (ڳالهه) جو نبيرو ڪندو جنهن بابت جهڳڙو ڪندا هئا. (هن ڳالهه) ڪين هدايت نه ڪئي آهي ڇا؟ ته

اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ يَمْشُوْنَ فِيْ مَسٰكِنِهِمْ ؕ اِنَّ

ڪيترائي هلاڪ ڪيا انهن کان اڳي ڳوٺن وارا جو اهي هلن ٿا انهن جي گهرن ۾، بيشڪ

کانئن اڳ ڪيترائي جڳ ناس ڪياسون، جن جي گهرن ۾ (اهي) گهمندا آهن! بيشڪ هن (ڳالهه)

فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ ؕ اَفَلَا يَسْمَعُوْنَ ﴿٢٦﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا نَسُوْقُ الْمَآءَ

انهي ۾ عبرتون آهن، ڇا پوءِ نه ٿا ٻڌن؟ ڇا نه ڏٺائون ته اسان وهايون ٿا پاڻي کي

۾ وڏيون نشانيون آهن، پوءِ نه ٻڌندا آهن ڇا؟ نه ڏٺائون ڇا؟ ته، اسين اُبڙٽ (ويران) زمين ڏانهن پاڻي وهائيندا آهيون.

اِلَى الْاَرْضِ الْجُرُزِ فَنُخْرِجُ بِهٖ زَرْعًا تَاْكُلُ مِنْهُ اَنْعَامُهُمْ وَاَنْفُسُهُمْ ط
زمين غيرآباد ڏانهن پوءِ ڪڍون ٿا ان سان پوک جو کائن ٿا انهي مان سندن جانور ۽ خود پاڻ.
پوءِ ان سان پوک جمائيندا آهيون، جنهن مان سندن ڍور ۽ اُهي پاڻ کائيندا آهن.
اَفَلَا يُبْصِرُوْنَ ﴿٢٧﴾ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْفَتْحُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٨﴾ الثلثة
ڇا پوءِ نه ٿا ڏسن؟ ۽ چون ٿا ڪڏهن ٿيندي سوڀ جيڪڏهن آهيو اوهين سچا.
پوءِ نه ڏسندا آهن ڇا؟. ۽ چون ٿا ته، جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اِهو فيصلو ڪڏهن ٿيندو؟
قُلْ يَوْمَ الْفَتْحِ لَا يَنْفَعُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِيْمَانُهُمْ وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿٢٩﴾
تون چؤ ڏينهن سوڀ جي نه فائدو ڏيندو ڪافرن کي سندن ايمان ۽ نڪي اهي ڍرڏنا ويندا.
(اي پيغمبر! ڪين) چئو ته فيصلي جي ڏينهن ڪافرن کي سندن ايمان آڻڻ فائدو نه ڏيندو ۽ نه کي ڪين مهلت ڏبي.
فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَانْتَظِرْ اِنَّهُمْ مُّنْتَظِرُوْنَ ﴿٣٠﴾ ع ع ٢ ١٦
پوءِ تون منهن موڙ انهن کان ۽ انتظار ڪر اهي به انتظار ڪندڙ آهن.
پوءِ کانئن منهن موڙ ۽ انتظار ڪر! بيشڪ اُهي (بہ) انتظار ڪندڙ آهن.

سُوْرَةُ الْاَحْزَابِ مَدَنِيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○ — اٰيَاتُهَا ٧٣ رُكُوْعَاتُهَا ٩

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.
الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اتَّقِ اللّٰهَ وَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ ط اِنَّ اللّٰهَ
اي نبي ڊڄ الله کان ۽ نه چيو وٺ ڪافرن ۽ منافقن جو. بيشڪ الله
اي پيمغبر! الله کان ڊڄ ۽ ڪافرن ۽ منافقن جو چيو نه مڃ! ڇو ته الله
كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿١﴾ لا وَّاتَّبِعْ مَا يُوْحٰٓى اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ط اِنَّ اللّٰهَ
آهي ڄاڻندڙ حڪمت وارو. هل ان تي جيڪي وحي ٿئي توڏانهن تنهنجي رب کان، بيشڪ الله
ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ۽ جيڪي تنهنجي پالڻهار وٽان توڏانهن وحي ڪجي ٿو، تنهن جي تابعداري ڪر، ڇو ته
كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿٢﴾ لا وَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ط وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿٣﴾
آهي ان تي جيڪي ڪريو ٿا خبر رکندڙ. ۽ ڀروسو ڪر الله تي ۽ ڪافي آهي الله ڪم ٺاهيندڙ.
جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي، ۽ الله تي ڀروسو ڪر ۽ الله سنڀاليندڙ ڪافي آهي.
مَا جَعَلَ اللّٰهُ لِرَجُلٍ مِّنْ قَلْبَيْنِ فِيْ جَوْفِهٖ ج وَمَا جَعَلَ اَزْوَاجَكُمُ
نه ڪيون آهن الله هڪ ماڻهوءَ لاءِ ٻه دليون سندس اندر ۾، ۽ نه ڪيائين زالون توهان جون
الله ڪنهن ماڻهوءَ جي اندر ۾ ٻہ دليون (پيدا) نه ڪيون آهن ۽ نڪي اوهان جي انهن زالن کي جن کي اوهين ماءُ

اِلّٰٓـِٔیۡ تُظٰهِرُوۡنَ مِنۡهُنَّ اُمَّهٰتِكُمۡ ۚ وَمَا جَعَلَ اَدۡعِيَآءَكُمۡ اَبۡنَآءَكُمۡ ؕ

اهي جن كي ماءُ جهڙو چئو ٿا. ماڻرون توهان جون، ۽ نہ كيائين توهان جي پٽيلن كي توهان جا پٽ،

چئي وينا آهيو. سي اوهان جون (حقيقي) ماڻر كيائين ۽ نكي اوهان جي پٽيلن كي اوهان جا (حقيقي) پٽ كيائين،

ذٰلِكُمۡ قَوۡلُكُمۡ بِاَفۡوَاهِكُمۡ ؕ وَاللّٰهُ يَقُوۡلُ الۡحَـقَّ وَهُوَ يَهۡدِى السَّبِيۡلَ ﴿٤﴾

اهو اٿو چوڻ توهان جو پنهنجي واتن جو. ۽ الله چوي ٿو حق ۽ اهو ڏيكاري ٿو رستو.

اِهو اوهان جو چوڻ اوهان جي واتن جو آهي ۽ الله سچ چوندو آهي ۽ اُهو ئي (سڌو) رستو ڏيكاريندو آهي.

اُدۡعُوۡهُمۡ لِاٰبَآئِهِمۡ هُوَ اَقۡسَطُ عِنۡدَ اللّٰهِ ۚ فَاِنۡ لَّمۡ تَعۡلَمُوۡۤا اٰبَآءَهُمۡ

سڏيو انهن كي سندن پيئرن جو اهو پورو انصاف آهي الله وٽ، پوءِ جيكڏهن نہ ڄاڻو انهن جا پيئر

كين سندن پيئرن جا (پٽ كري) سڏيو، اِهو الله وٽ بلكل انصاف آهي، پوءِ جيكڏهن سندن پيئر نہ ڄاڻندا هجو

فَاِخۡوَانُكُمۡ فِى الدِّيۡنِ وَمَوَالِيۡكُمۡ ؕ وَلَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ جُنَاحٌ فِيۡمَاۤ

پوءِ آهن ڀائر توهان جا دين ۾ ۽ توهان جا دوست، ۽ ناهي توهان تي كو گناهہ هن ۾

تہ اوهان جا دين ۾ ڀائر ۽ اوهان جا دوست آهن ۽ جنهن ڳالهائڻ ۾ غلطي كئي هجيوَ تنهن ۾ اوهان تي

اَخۡطَاۡتُمۡ بِهٖ ۙ وَلٰكِنۡ مَّا تَعَمَّدَتۡ قُلُوۡبُكُمۡ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا ﴿٥﴾

جو ڀلجي چيو اٿو اهو پر ان ۾ جو ارادو كيو توهان جي دلين، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

كو گناهہ نہ آهي، پر اوهان جي دلين جيكي ڄاڻي واڻي كيو (تنهن ۾ گناهہ) آهي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

اَلنَّبِىُّ اَوۡلٰى بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ مِنۡ اَنۡفُسِهِمۡ وَاَزۡوَاجُهٗۤ اُمَّهٰتُهُمۡ ؕ

نبي بهتر آهي مومنن لاءِ سندن سرن كان ۽ بيبيون ان جون سندن ماڻرون آهن،

پيغمبر مومنن تي سندن جندن كان وڌيك حق ركندو آهي ۽ سندس زالون سندن ماڻر آهن ۽

وَاُولُوا الۡاَرۡحَامِ بَعۡضُهُمۡ اَوۡلٰى بِبَعۡضٍ فِىۡ كِتٰبِ اللّٰهِ

۽ مائٽي وارا هكڙا بهتر آهن ٻين لاءِ الله جي كتاب ۾

مائٽيءَ وارا هك ٻئي جا ڀاڱي ۾ الله جي كتاب ۾

مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَالۡمُهٰجِرِيۡنَ اِلَّاۤ اَنۡ تَفۡعَلُوۡۤا اِلٰٓى اَوۡلِيٰٓـئِكُمۡ مَّعۡرُوۡفًا ؕ كَانَ

مومنن ۽ مهاجرن كان مگر هي جو كريو پنهنجن دوستن سان مهرباني، آهي

(ٻين) مومنن ۽ هجرت كندڙن كان وڌيك حقدار آهن، پر پنهنجن دوستن سان احسان كريو (تہ جائز آهي).

ذٰلِكَ فِى الۡكِتٰبِ مَسۡطُوۡرًا ﴿٦﴾ وَاِذۡ اَخَذۡنَا مِنَ النَّبِيّٖنَ مِيۡثَاقَهُمۡ وَ

اهو كتاب ۾ لكيل. ۽ جڏهن ورتوسون نبين كان سندن وعدو ۽

اِهو (حكم) كتاب ۾ لكيل آهي. ۽ (ياد كرا) جڏهن پيغمبرن كان سندن انجام ورتوسون ۽

مِنْكَ وَمِنْ نُّوْحٍ وَّاِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى وَعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ ۠ وَاَخَذْنَا

توكان ۽ نوح ۽ ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ پٽ مريم کان ۽ ورتوسون

(پڻ) توکان ۽ نوح ۽ ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ پٽ مريم جي کان (بہ ورتوسون) ۽ (هن لاءِ)

مِنْهُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا ۙ﴿٧﴾ لِّيَسْـَٔلَ الصّٰدِقِيْنَ عَنْ صِدْقِهِمْ ۚ وَاَعَدَّ

انهن کان وعدو پڪو. تہ جيئن پڇا ڪري الله سچن کان سندن سچ جي، ۽ تيار ڪيائين

کانئن پڪو انجام ورتوسون. تہ (الله) سچن کان سندن سچائيءَ بابت پڇي ۽ ڪافرن لاءِ

لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿٨﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ

ڪافرن لاءِ عذاب دردناڪ. اي ايمان وارو! ياد ڪريو مهرباني الله جي

ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿس. اي ايمان وارو! پاڻتي الله جو احسان ياد ڪريو. جڏهن (ڪافرن جا)

عَلَيْكُمْ اِذْ جَآءَتْكُمْ جُنُوْدٌ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا وَّجُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا ۭ

پنهنجي مٿان جڏهن آيا توهان وٽ لشڪر پوءِ اسان موڪليوسون انهن تي طوفان ۽ اهڙا لشڪر جو نہ ڏٺو توهان انهن کي،

لشڪر اوهان تي (چڙهائي ڪري) آيا، تڏهن مٿن واءُ موڪليوسون ۽ (اوهان جي مدد لاءِ ملائڪن جا) اهڙا لشڪر بہ، جن کي اوهان نہ ٿي ڏٺو

وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرًا ۚ﴿٩﴾ اِذْ جَآءُوْكُمْ مِّنْ فَوْقِكُمْ وَمِنْ

۽ الله توهان جي عملن کي ڏسندڙ آهي. جڏهن اهي آيا توهان وٽ توهان جي مٿئين طرف کان ۽

(پوءِ ڪافرن کي ڀڄائي اوهان کي بچايوسون) ۽ جيڪي ڪريو ٿا سو الله ڏسندڙ آهي. جڏهن (اهي) اوهان جي مٿان ۽

اَسْفَلَ مِنْكُمْ وَاِذْ زَاغَتِ الْاَبْصَارُ وَبَلَغَتِ الْقُلُوْبُ الْحَنَاجِرَ وَ

هيٺئين پاسي توهان جي کان ۽ جڏهن ڦري ويون اکيون ۽ پهتيون دليون نڙگهٽن تي ۽

اوهان جي هيٺان اوهان وٽ آيا ۽ انهيءَ مهل اکيون ڏرا ڏيٺي ويون ۽ دليون (دهشت کان) نڙگهٽن کي پهتيون ۽

تَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ الظُّنُوْنَا ﴿١٠﴾ هُنَالِكَ ابْتُلِيَ الْمُؤْمِنُوْنَ وَزُلْزِلُوْا زِلْزَالًا

ڪريو پيا الله ۾ ڪيئي گمان. اتي آزمايا ويا مومن ۽ ڌوڏيا ويا ڌوڏڻ

الله جي بہ نسبت ڪيئي گمان پائيو ٿيا. اتي مومنن کي پرکيو ويو ۽ کين تمام سخت لوڏيو ويو.

شَدِيْدًا ﴿١١﴾ وَاِذْ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ

سخت. ۽ جڏهن چوڻ پيا منافق ۽ اهي جن جي دلين ۾ مرض هئو

۽ انهيءَ مهل منافقن ۽ جن جي دلين ۾ بيماري آهي، تن چيو ٿي تہ الله ۽ سندس

مَّا وَعَدَنَا اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اِلَّا غُرُوْرًا ﴿١٢﴾ وَاِذْ قَالَتْ طَّآىِٕفَةٌ مِّنْهُمْ

نہ انجام ڪيو اسان سان الله ۽ ان جي رسول مگر ڌوڪي جو. ۽ جڏهن چوڻ لڳو هڪ ٽولو انهن جو

پيغمبر اسان کي ٺڳيءَ کان سواءِ (ٻيو) ڪو انجام نہ ڏنو آهي. ۽ انهيءَ مهل منجهانئن هڪ ٽوليءَ چيو تہ

يٰۤاَهْلَ يَثْرِبَ لَا مُقَامَ لَكُمْ فَارْجِعُوْا ۚ وَيَسْتَاْذِنُ فَرِيْقٌ مِّنْهُمُ

اي يثرب وارو! ناهي جاءِ بيهڻ جي توهان لاءِ پوءِ موٽو پوئتي، ۽ موڪل گهري پيو ٽولو انهن مان

اي مديني وارو! اوهان لاءِ (هتي ترسڻ جي) ڪا جاءِ ڪانهي، تنهن ڪري موٽو! ۽ منجهانئن هڪ ٽوليءَ پيغمبر کان موڪلايو ٿي

النَّبِيَّ يَقُوْلُوْنَ اِنَّ بُيُوْتَنَا عَوْرَةٌ ؕ وَمَا هِيَ بِعَوْرَةٍ ۚ اِنْ يُّرِيْدُوْنَ

نبي کان چون پيا ته گهر اسان جا هيڪلا آهن. ۽ نه هئا اهي هيڪلا. رڳو اهي ارادو ڪن پيا

۽ چوڻ لڳا ته اسان جا گهر هيڪلا آهن. حالانڪ اهي هيڪلا نه هئا. ڀڄڻ کان سواءِ (ٻيو) ڪو ارادو نه هئن.

اِلَّا فِرَارًا ﴿١٣﴾ وَلَوْ دُخِلَتْ عَلَيْهِمْ مِّنْ اَقْطَارِهَا ثُمَّ سُئِلُوا

ڀڄڻ جو. ۽ جيڪڏهن ڪاهه ٿئي ها انهن تي مديني جي آسپاس کان پوءِ ڪين چيو وڃي ها

۽ جيڪڏهن اُن (مديني) جي آس پاس کان مٿن ڪا (ڪافرن جي فوج) اچي ڪڙڪي ها ۽ وري کانئن فتنه جنگي طلب ڪئي وڃي ها

الْفِتْنَةَ لَاٰتَوْهَا وَمَا تَلَبَّثُوْا بِهَاۤ اِلَّا يَسِيْرًا ﴿١٤﴾ وَلَقَدْ كَانُوْا

فساد لاءِ ته ڪري ڏين ها اهو ۽ نه دير ڪن ها ان ۾ مگر ٿوري. ۽ انهن ڪيو

ته ضرور اها ڪن ها ۽ ان لاءِ ٿوري دير کان سواءِ ترسن ئي نه ها. ۽ هن کان اڳ ۾

عَاهَدُوا اللّٰهَ مِنْ قَبْلُ لَا يُوَلُّوْنَ الْاَدْبَارَ ؕ وَكَانَ عَهْدُ اللّٰهِ

هئو وعدو الله سان اڳ ۾ ته نه ويندا پٺي ڏئي، ۽ آهي وعدو الله سان

الله سان انجام ڪيو هئائون ته (ڀڄڻ لاءِ) پٺيون نه ڦيرائيندا ۽ الله جي انجام جي (ضرور) پڇا ڪئي ويندي.

مَسْـُٔوْلًا ﴿١٥﴾ قُلْ لَّنْ يَّنْفَعَكُمُ الْفِرَارُ اِنْ فَرَرْتُمْ مِّنَ الْمَوْتِ اَوِ

پڇا ڪيل. چؤ هرگز فائدو نه ڏيندو توهان کي ڀڄڻ جيڪڏهن ڀڄندؤ موت کان يا

(ڪين) چئو ته، جيڪڏهن اوهين مرڻ يا مارجڻ کان ڀڄندؤ ته ڀڄڻ اوهانکي فائدو نه ڏيندو ۽ انهيءَ مهل

الْقَتْلِ وَاِذًا لَّا تُمَتَّعُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٦﴾ قُلْ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَعْصِمُكُمْ

قتل ٿيڻ کان ۽ ان وقت فائدو نه لهندؤ مگر ٿورو. چؤ ڪير آهي جو بچائي توهان کي

بلڪل ٿورو ئي (زندگيءَ جو) فائدو ڏنو ويندو. (اي پيغمبرا ڪين) چئو ته، اوهان کي الله (جي عذاب) کان ڪير بچائيندو؟

مِّنَ اللّٰهِ اِنْ اَرَادَ بِكُمْ سُوْۤءًا اَوْ اَرَادَ بِكُمْ رَحْمَةً ؕ وَ

الله کان جيڪڏهن اهو گهري توهان جي برائي يا چاهي توهان لاءِ رحمت. ۽

جيڪڏهن اهو اوهان کي ڪا تڪليف پهچائڻ گهري يا اوهان کي ڪا ڀاڄه پهچائڻ گهري (ته اُها ڪير روڪيندو؟) ۽

لَا يَجِدُوْنَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿١٧﴾ قَدْ

نه لهندا پاڻ لاءِ الله کان سواءِ ڪو حمايتي ۽ نه ڪي مددگار. يقينن

الله کان سواءِ پاڻ لاءِ نه ڪو دوست ۽ نه ڪو مددگار لهندا. اوهان مان

يَعْلَمُ اللّٰهُ الْمُعَوِّقِيْنَ مِنْكُمْ وَالْقَآئِلِيْنَ لِاِخْوَانِهِمْ هَلُمَّ

چاڻي ٿو اللہ انهن کي جيڪي جهلين ٿا توهان مان ۽ جيڪي چون ٿا پنهنجن ڀائرن کي اچو

(جهاد کان) جهليندڙن ۽ پنهنجن ڀائرن کي (هيئن) چوندڙن کي تہ اسان ڏانهن اچو بيشڪ اللہ ڄاڻندو آهي

اِلَيْنَا ۚ وَلَا يَاْتُوْنَ الْبَاْسَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٨﴾ اَشِحَّةً عَلَيْكُمْ ۖۚ فَاِذَا

اسان ڏانهن، ۽ اهي نہ ٿا اچن لڙائي تي مگر گهٽ. بخيلي ڪندڙ آهن توهان تي، پوءِ جڏهن

۽ ٿورن کان سواءِ (ٻيا) لڙائيءَ ۾ نہ ٿا اچن. (هٿون) اوهان تي ٻيچائي ڪندڙ آهن، پوءِ جنهن مهل

جَآءَ الْخَوْفُ رَاَيْتَهُمْ يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ تَدُوْرُ اَعْيُنُهُمْ كَالَّذِيْ

اچي ٿو خوف تہ ڏسندين انهن کي نهاريندا توڏانهن ڦرن ٿيون انهن جون اکيون ان جيان

پئو (جو وقت) اچي (تنهن مهل) کين ڏسين تہ تو ڏانهن سندن اکيون اُن (ماڻهو) وانگر نهاريندون آهن، جنهن تي

يُغْشٰى عَلَيْهِ مِنَ الْمَوْتِ ۚ فَاِذَا ذَهَبَ الْخَوْفُ سَلَقُوْكُمْ بِاَلْسِنَةٍ

بيهوشي ٿئي جنهن تي موت جي، پوءِ جڏهن لهي وڃي ڀؤ تہ ڏنگيندا توهان کي زبانن

موت (جي سڪرات) جي بيهوشي پهتي هجي، پوءِ جنهن مهل (جنگ جو) ڀئو لهندو آهي، تنهن مهل (غنيمت جي) مال (وٺڻ)

حِدَادٍ اَشِحَّةً عَلَى الْخَيْرِ ؕ اُولٰٓئِكَ لَمْ يُؤْمِنُوْا فَاَحْبَطَ اللّٰهُ اَعْمَالَهُمْ ؕ

تکين سان حرص ڪندڙ مال تي، انهن نہ ايمان آندو هو پوءِ ڇٽ ڪيا اللہ عمل انهن جا

تي لالچي ٿي اوهان کي تکين زبانن سان ايذائيندا آهن، انهن ايمان نہ آندو تنهن ڪري اللہ سندن اعمال ڇٽ ڪيا

وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿١٩﴾ يَحْسَبُوْنَ الْاَحْزَابَ لَمْ

۽ آهي اهو اللہ تي آسان. ڀائن ٿا تہ لشڪر اڃا نہ

۽ اهو (ڪم) اللہ تي آسان آهي. (خوف جي ڪري) ڀائيندا آهن تہ، (ڪافرن جا) لشڪر نہ ويا آهن

يَذْهَبُوْا ۚ وَاِنْ يَّاْتِ الْاَحْزَابُ يَوَدُّوْا لَوْ اَنَّهُمْ بَادُوْنَ

ويا آهن، ۽ جيڪڏهن اچي وڃن لشڪر تہ چاهيندا جيڪر پاڻ هجن ها ٻاهر

۽ جيڪڏهن (ڪافرن جا) ڪي لشڪر اچن ها تہ (هيءَ ڳالهہ) گهرن ها تہ اهي جيڪر جهنگن ۾ ويٺل هجن ها

فِي الْاَعْرَابِ يَسْاَلُوْنَ عَنْ اَنْۢبَآئِكُمْ ؕ وَلَوْ كَانُوْا فِيْكُمْ مَّا قٰتَلُوْٓا

بدوين ۾ پڇن ها توهان جون خبرون، ۽ جيڪڏهن هجن ها توهان وٽ نہ لڙائي ڪن ها

(۽) اوهان جون خبرون (هر ڪنهن کان) پڇندا رهن ها ۽ جيڪڏهن اوهان ۾ هجن ها تہ رڳو ٿورا (اچي) جنگ ۾ وڙهن ها.

اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٢٠﴾ع لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ ع ٢ ١٨

مگر گهٽ. بيشڪ آهي توهان لاءِ رسول اللہ ۾ پيروي چڱي ان ماڻهو

بيشڪ اوهان لاءِ اللہ جي پيغمبر (جي طريقي) ۾ عمدي پيروي انهيءَ لاءِ آهي، جيڪو اللہ (جي رضا)

كَانَ يَرْجُوا اللّٰهَ وَالْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَذَكَرَ اللّٰهَ كَثِيْرًا ۝۲۱ؕ وَلَمَّا

لاءِ جيڪو اميد ڪري ٿو الله ۾ ۽ ڏينهن پوئين ۾ ۽ ياد ڪري الله کي گهڻوئي. ۽ جنهن

جي اميد) ۽ قيامت جي ڏينهن (جي اچڻ) جي اميد رکندو هجي ۽ الله کي گهڻو ياد ڪندو هجي. ۽ جنهن مهل مؤمنن

رَاَ الْمُؤْمِنُوْنَ الْاَحْزَابَ ۙ قَالُوْا هٰذَا مَا وَعَدَنَا اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَ

ڏٺو مسلمانن لشڪرن کي چيائون هي اهو آهي جنهن جو وعدو ڪيو اسان سان الله ۽ ان جي رسول ۽

(ڪافرن) جي لشڪرن کي ڏٺو (تنهن مهل) چيائون ته هي اهو انجام آهي. جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر اسان کي ڏنو هو ۽

صَدَقَ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ ؗ وَمَا زَادَهُمْ اِلَّاۤ اِيْمَانًا وَّتَسْلِيْمًا ۝۲۲ؕ

سچ چيو الله ۽ ان جي رسول ۽ رڳو ان وڌايو انهن کي ايمان ۽ تابعداري ۾.

الله ۽ سندس پيغمبر سچ فرمايو هو ۽ انهيءَ (حالت) انهن کي ايمان ۽ فرمانبرداريءَ ۾ هيڪاندو وڌايو.

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ رِجَالٌ صَدَقُوْا مَا عَاهَدُوا اللّٰهَ عَلَيْهِ ۚ فَمِنْهُمْ

مومنن مان ڪيترن مردن سچو ڪيو ان کي جنهن تي وعدو ڪيائون الله سان. پوءِ انهن مان

مومنن مان ڪي اهڙا مڙس آهن، جو جيڪو الله سان انجام ڪيو هئائون تنهن تي سچائي ڪيائون. پوءِ منجهائن ڪنهن

مَّنْ قَضٰى نَحْبَهٗ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّنْتَظِرُ ۖؗ وَمَا بَدَّلُوْا تَبْدِيْلًا ۝۲۳ۙ

ڪنهن پورو ڪيو پنهنجو ڪم ۽ انهن مان ڪو انتظار ڪندي ٿو. ۽ ڪا به ڦير ڦار نه ڪيائون.

پنهنجو ذمو پورو ڪيو ۽ منجهائن ڪو انتظار ڪندو آهي ۽ (پنهنجي چوڻ کي) ڪنهن طرح نه مٽايائون. (اهو هن

لِّيَجْزِيَ اللّٰهُ الصّٰدِقِيْنَ بِصِدْقِهِمْ وَيُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ اِنْ شَآءَ

جيئن بدلو ڏئي الله سچن کي سندن سچائي جو ۽ سزا ڏئي منافقن کي جيڪڏهن گهري

ڪري آهي) ته الله سچن کي سندن سچائيءَ سببان بدلو ڏئي ۽ جيڪڏهن گهري ته منافقن کي عذاب ڪري

اَوْ يَتُوْبَ عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۝۲۴ۚ وَرَدَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ

يا توبه قبول ڪري انهن جي، بيشڪ الله آهي بخشڻهار مهربان. ۽ موٽايو الله

يا (توبه جي توفيق ڏيڻ سان) مٿن پاڃه سان موٽي، چو ته الله بخشڻهار مهربان آهي. ۽ الله ڪافرن کي سندن

كَفَرُوْا بِغَيْظِهِمْ لَمْ يَنَالُوْا خَيْرًا ؕ وَكَفَى اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ الْقِتَالَ ؕ

ڪافرن کي سندن ڪاوڙ سميت نه حاصل ڪيائون ڪا چڱائي، ۽ بچايو الله مومنن کي جنگ کان،

ڏمر سميت موٽايو جو ڪا چڱائي نه لڌائون ۽ الله مؤمنن جي پاران ويڙهه بابت ڪافي ٿيو

وَكَانَ اللّٰهُ قَوِيًّا عَزِيْزًا ۝۲۵ۚ وَاَنْزَلَ الَّذِيْنَ ظَاهَرُوْهُمْ مِّنْ اَهْلِ

۽ الله سگهارو آهي زبردست آهي. ۽ لاٿائين انهن کي جن مدد ڪئي انهن جي اهل

۽ الله سگهارو غالب آهي. ۽ ڪتاب وارن مان جن انهن (مشرڪن) جي مدد ڪئي هئي، تن کي (الله) سندن

الْكِتٰبِ مِنْ صَيَاصِيْهِمْ وَقَذَفَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ فَرِيْقًا

كتاب وارن مان سندن كوٽن تان ۽ وڌائين انهن جي دلين ۾ رعب هڪڙن كي

كوٽن مان لاٿو ۽ سندين دلين ۾ دهشت وڌائين (جو) هڪ ٽوليءَ كي ماريو ٿي،

تَقْتُلُوْنَ وَتَاْسِرُوْنَ فَرِيْقًا ﴿٢٦﴾ وَاَوْرَثَكُمْ اَرْضَهُمْ وَدِيَارَهُمْ وَ

قتل پيا كيو ۽ گرفتار پيا كيو ٻين كي. ۽ مالك بڻايائين توهان كي انهن جي زمين ۽ گهرن ۽

۽ ٻيءَ ٽوليءَ كي قيد كيو ٿي. ۽ (نيٺ) اوهان كي سندين زمين ۽ سندن گهرن ۽ سندن مالن ۽

اَمْوَالَهُمْ وَاَرْضًا لَّمْ تَطَـُٔوْهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرًا ﴿٢٧﴾ ع ٣ ١٩

ملكيتن جو ۽ ٻي زمين جو جنهن تي توهان پير ئي نه ركيا هئا. ۽ آهي الله هر شيءِ تي قادر.

انهيءَ زمين جو وارث كيائين، جنهن تي پير (به) نه گهمايا هيوَ ۽ الله سڀ كنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ اِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَزِيْنَتَهَا

اي نبي چؤ پنهنجي زالن كي جيكڏهن اوهان گهرو ٿيون زندگي دنياواري ۽ ان جو سينگار

اي پيغمبر! پنهنجين زالن كي چئو ته، جيكڏهن اوهين دنيا جي حياتي ۽ ان جو سينگار گهرنديون هجو ته

فَتَعَالَيْنَ اُمَتِّعْكُنَّ وَاُسَرِّحْكُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا ﴿٢٨﴾ وَاِنْ

پوءِ اچو ته ڏيان توهان كي سامان ۽ ڇڏي ڏيان توهان كي سهڻي طرح. ۽ جيكڏهن

اچو ته اوهان كي سامان ڏيان ۽ چڱيءَ طرح ڇڏيان. ۽ جيكڏهن اوهين

كُنْتُنَّ تُرِدْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَالدَّارَ الْاٰخِرَةَ فَاِنَّ اللّٰهَ

توهان چاهيو ٿيون الله ۽ ان جي رسول كي ۽ گهر آخرت جي كي ته بيشك الله

الله ۽ سندس پيغمبر ۽ آخرت جي گهر (يعني بهشت) كي گهرو ٿيون ته بيشك اوهان مان

اَعَدَّ لِلْمُحْسِنٰتِ مِنْكُنَّ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٢٩﴾ يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ

تيار كيو آهي ڀلارين لاءِ توهان مان ثواب وڏو. اي نبي جون گهرواريون

نيك بختن لاءِ الله وڏو اجر تيار كيو آهي. اي پيغمبر جون زالون!

مَنْ يَّاْتِ مِنْكُنَّ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ يُّضٰعَفْ لَهَا

جا كندي توهان مان گستاخي پڌري ته ڏني ويندي ان كي

اوهان مان جيكا ظاهر ظهور بيحيائي كندي، تنهن كي وڌائي ٻيڻو

الْعَذَابُ ضِعْفَيْنِ ؕ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿٣٠﴾

سزا ٻيڻي ۽ آهي اهو الله تي آسان.

عذاب كيو ويندو ۽ اهو الله تي آسان آهي.

